REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 02 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 17 جمادي الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 186

نگران وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس: رينجرز صلاحيتن جي واڌ ۽ اسڪولن جي مرمت لاءِ فنڊ منظور

لاڳاپيل ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنن طور استعمال ٿيندڙ اسڪولن ۾ سهولتن جي ڪوٽ آهي : اسڪول ايجوڪيشن کاتي پاران ڪابينا کي آگاهي

ڪميٽي 9901 اهڙن اسڪولن جي نشاندهي ڪئي جن جي مرمت ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ ڪراچي ۾ 1015، حيدرآباد ۾ 4520 ۽ سکر ۾ 4366 اسڪول شامل آهن

سنڌ پوليس (شهيد، فوتي، مستقل غير فعال يا نااهل ڪوٽا) ريڪروٽمينٽ رولز 2021 تحت اي ايس آءِ جي پوسٽ لاءِ گهربل قابليت گريجوئيشن آهي

پاڪستان رينجرز پنهنجي هنگامي شعبي جنهن ۾ واٽر ڪينن، ڪوئڪ ريسپانس فورس گاڏين ۽ قابل اعتماد مواصلاتي آلات کي اپ گريڊ ڪرڻ لاءِ 3.57 ملين رپين جي درخواست ڪئي آهي :صوبائي گهرو کاتو

سنڌ ڪابينا صحت کاتي جي درخواست تي سکر ضلعي جي ديهه ننڊو ڪوهستان ۾ 3 ايڪڙ زمين مفت ۾ الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صوبائي نگران ڪابينا ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين جاري اجلاس ۾ 24 ايجنڊا آئٽمن تي غور ڪيو ۽ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز (اي ايس آيز) جي ڀرتين ۽ ٻوڏ کان بچاءَ جي منصوبن تي عملدرآمد لاءِ 11.97 ارب رپيا قرض وٺڻ ۽ رينجرز جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ 357 ملين رپيا منظور ڪرڻ جهڙا اهم فيصلا ڪيا. جمعي ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنيجو، ايڊووڪيٽ جنرل حسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

مرتضيٰ ڀٽو کي قتل ڪري الزام خاندان تي لڳائي سازش ڪئي وئي: بلاول ڀٽو زرداري

عوام ملڪ جي قسمت ان شخص جي حوالي نه ڪري جن نفرت ۽ ورڇ جي سياست ڪئي، اسان کي روايتي پراڻي سياسي سوچ ڇڏڻي پوندي

ٻڌايو پيو وڃي ته 3 ڀيرا وزيراعظم ٻٽيل چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٻڻجي ملڪ کي ڏکيائين مان ڪڍندو، منهنجو اعتراض بزرگن هجڻ تي ناهي

پاڪستان جو عوام جڏهن فيصلو ڪندو آهي ته ڪا به طاقت کين روڪي ناهي سگهندي، وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان جي مستقبل جا فيصلا عوام کي ڪرڻ ڏيو

ملڪ جي قسمت انهن ٻن شخصن جي حوالي نه ڪريو جن نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست ڪئي، اسان کي روايتي ۽ پراڻي سياسي سوچ کي ڇڏڻو پوندو، اسان نفرت، انا ۽ ورڇ جي سياست کي دفن ڪري اڳتي وڌنداسين

سي پيڪ منصوبي تي آصف علي زرداري جي سوچ موجب ڪم ناهي ٿي رهيو، عوام کي معيشت، معاشرت ۽ سياست ۾ حصيدار بڻائڻو پوندو : ڪوئيٽا ۾ بلوچستان بار ڪائونسل کي خطاب

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته عوام ملڪ جي قسمت ان شخص جي والي نه ڪري جن نفرت ۽ ورڇ جي سياست ڪئي، اسان کي روايتي پراڻي سياسي سوچ ڇڏڻي پوندي، ڪوئيٽا ۾ بلوچستان بار ڪائونسل کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٻڌايو پيو وڃي ته 3 ڀيرا وزيراعظم ٻٽيل چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٻڻجي ملڪ کي ڏکيائين مان ڪڍندو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪوئيٽا: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلوچستان هاءِ ڪورٽ بار کي خطاب ڪندي

سائفر ڪيس جو ٽرائل اڊيالا جيل ۾ ٿيندو، ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي

آفيشل سيڪريٽ عدالت جي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين ڪيس جي ٻڌڻي فيڊرل جوڊيشل ڪمپليڪس اسلام آباد ۾ ڪئي

ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل پاران جيل ٽرائل جي فيصلي خلاف درخواست داخل ڪرائي وئي ۽ دليل ڏنا ويا

5 ڊسمبر تي ٻڌڻي رکي ڇڏينداسين پر حاضري جي حوالي سان ته ٻڌڻي رکڻي ئي آهي : پي ٽي آءِ جو وڪيل

اسلام آباد (م د) قانون واري وزارت پاران نوٽيفڪيشن ملڻ بعد آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ واري خاص عدالت سائفر ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. آفيشل سيڪريٽ عدالت جي جج ابو الحسنات محمد ذوالقرنين /بقايا پڙهوصفحو 2 نمبر 07

عام چونڊن جي لاءِ تيار آهيون پر ان لاءِ جي يو آءِ کي پرامن ماحول فراهم ڪيو وڃي: مولانا فضل الرحمان

ادارن کي سوچڻو پوندو جيڪي هن وقت به چون پيا ته اسان دهشتگردي جي خلاف جنگ وڙهي رهيا آهيون

پاڪستان کي جيستائين پرامن رياست نه بڻايو ويندو ته پوءِ هڪ خوشحال معيشت جي توقع به نه رکڻ گهرجي

75 سال ملڪ ۾ غلط قيادت کي چونڊيو ۽ نئين زاويي سان ملڪ جي نئين مستقبل کي سنواري تراشڻو پوندو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمٰن چيو آهي ته اسان عام چونڊن جي لاءِ تيار آهيون پر ان لاءِ جي يو آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاڙڪاڻو: مولانا فضل الرحمان اقصيٰ ۽ شهيد اسلام ڪانفرنس ۾ ويٺل آهي

ڪراچي ۽ ڀرپاسي جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءِ لاءِ ٽيڪا هنيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر گل بهار ناريجو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسان هر سيٽ تي وڙهنداسين ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين پاڻ اميدوار هوندو: بابر اعوان

پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ اڄ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويندا

اڄ 2 ڊسمبر تي پي ٽي آءِ جون انٽرا پارٽي چونڊون ٿي وينديون

ڪالهه چيف جسٽس آف پاڪستان کي آئون چيو ته اليڪشن ۾ ليول پليئنگ فيلڊ به نظر اچڻ گهرجي

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف جي وڪيل اڳواڻ بابر اعوان چيو آهي ته اسان هر سيٽ تي وڙهنداسين ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين پاڻ اميدوار هوندو. نواز شريف سان ڏاڍي ٿي وئي آهي. بابر اعوان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ اڄ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويندا، سڀاڻي 2 ڊسمبر تي پي ٽي آءِ جون انٽرا پارٽي چونڊون ٿي وينديون. هن چيو ته ڪالهه چيف جسٽس آف پاڪستان کي آئون چيو ته اليڪشن ۾ ليول پليئنگ فيلڊ به نظر اچڻ گهرجي. چيف جسٽس پشاور هاءِ ڪورٽ چيو ته هڪ پارٽي کي نڪرڻ نه پيا ڏيڻا ڪهڙي ليول پليئنگ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: تحريڪ انصاف جو وڪيل اڳواڻ بابر اعوان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

شڪارپور: پيپلز پارٽي جي جيالن جي ڪار حادثي جو شڪار، 5 ڄڻا فوت

ڪارسوار ڪوئيٽا کان يوم تاسيس ۾ شرڪت ڪرڻ بعد نوشهرو فيروز واپس اچي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو

پ پ تعلقہ صدر خليفو شڪيل احمد ميمڻ، پ پ يوٿ ونگ جو صدر نادر چانڊيو، جوڃي سومرو، گهڻو تڳڙ ۽ مظفر ڀٽو فوت ٿي ويا

فوتين جي مڙهه نوشهرو فيروز جي چلڊرين پارڪ آند ويا جتي 4 ڄڻن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ۾ قومي شاهراهه جنون باءِ پاس واري هنڌ ڪار کاهي ۾ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ پيپلز پارٽي تعلقي نوشهرو فيروز جو صدر سميت 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڪار سوار ڪوئيٽا کان يوم تاسيس ۾ شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ جو ورهاڱو نٿا چاهيون، پ پ اڳ ئي سنڌ کي ورهائي چڪي: خالد مقبول صديقي

سنڌ سيڪريٽريٽ کي سنڌي سيڪريٽريٽ بڻايو ويو آهي، نگران سرڪار جا رڳو پنهنجن گهرن جي نگراني ڪري رهي آهي؟

ايم ڪيو ايم پاڪستان تڪبندين کي عدالت ۾ چيلينج ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ خالد مقبول صديقي چيو آهي ته سنڌ جو ورهاڱو نٿا چاهيون، پ پ اڳ ئي سنڌ کي عملي طور ورهائي چڪي آهي. خالد مقبول صديقي چيو ته سنڌ سيڪريٽريٽ کي سنڌي سيڪريٽريٽ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

جنگ بندي ختم، اسرائيل پاران غزه تي حملا شروع، 32 فلسطيني شهيد

غزه ۾ اسرائيل ۽ حماس جي وچ ۾ جنگبندي 24 نومبر تي شروع ٿي هئي، جنهن ۾ ٻه ڀيرا واڌ ڪئي وئي هئي

غزه ۾ 7 ڏينهن واري جنگ بندي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اتر غزا ۾ ڌماڪن ۽ فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن : عرب ميڊيا

اسرائيلي فوج خان يونس جي اوڀر واري علائقي ۾ بمباري ڪئي ۽ غزه جي اولهه واري علائقي ۾ به بمباري ڪري رهي آهي : فلسطيني ميڊيا

غزه (م د) غزه ۾ اسرائيل ۽ حماس جي وچ ۾ 7 ڏينهن واري جنگ بندي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، اسرائيلي فوج غزه تي حملا شروع ڪري ڇڏيا. غزه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

غزه: جنگبندي ختم ٿيڻ بعد اسرائيلي پاران فلسطيني آبادي تي ڪيل حملي جو ڏيک

آءِ جي سنڌ سب انسپيڪٽر اسلم خٽڪ کي عهدي تي ترقي جا رينڪ لڳايا

ڪراچي (رپورٽر) سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ هڪ سادي تقريب جي دوران آئي جي سنڌ رفعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: آلآصف اسڪوائر کان ٽول پلازا تائين حدخلين ختم ڪرائڻ جو حڪم

حدخلين جي خاتمي واري ڪيس ۾ جسٽس نذير اختر جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو

ضلعي انتظاميا هڪ هفتي ۾ آلآصف اسڪوائر جي ڀرپاسي مان سمورين حدخلين ختم ڪرائي : سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ آلآصف اسڪوائر، ايئر نائن جي ڀرپاسي ۾ حدخلين جي خاتمي واري ڪيس ۾ جسٽس نذير اختر جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي لکت حڪم نامي ۾ چيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

چين پاڪستان کي 25 موسمياتي اوزن جو تحفو ڏئي ڇڏيو

اوزار وڄ ڪرڻ جي واقعن جي وقت سر اڳڪٿي ڪري سگهندا

وڄ ڪرڻ جي واقعن جي وقت سر اڳڪٿي ڪندڙ موسمياتي اوزار پاڪستان کي ملي ويا

اسلام آباد (م د) چين پاڪستان کي 25 موسمياتي اوزن جو تحفو ڏئي ڇڏيو. اوزار وڄ ڪرڻ جي واقعن جي وقت سر اڳڪٿي ڪري سگهندا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نيشنل بئنڪ 2024ع جي حج لاءِ درخواستن جي وصولي شروع ٿي وئي

مقدس فرض حج 2024ع لاءِ درخواستن جي وصولي شروع ڪئي وئي

درخواستون سڀني برانچز تي 12 ڊسمبر 2023ع تائين وصول ڪيون وينديون

ڪراچي (م د) نيشنل بئنڪ 2024ع جي حج لاءِ درخواستن جي وصولي شروع ٿي وئي. نيشنل بئنڪ موجب مقدس فرض حج 2024ع لاءِ درخواستن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مهانگائي جي شرح ۾ گهٽتائي باوجود هفتي اندر 13 ضروري شيون مهانگيون

هاڻوڪي هفتي دوران ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح ۾ 0.23 سيڪڙو گهٽتائي ٿي

سياليانو بنيادن تي مهانگائي جي شرح اڃا به 41.05 سيڪڙو آهي : رپورٽ

اسلام آباد (م د) شماريات واري وفاقي اداري پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح گهٽجڻ باوجود هڪ هفتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: پوليس اهلڪارن جي ڌاڙي ۾ ملوث هجڻ جو ٽيون واقعو سامهون اچي ويو

ڌاڙي جي ڪيس ۾ گارڊن هيڊ ڪوارٽرز سان 2 پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪيو ويو

ڌاڙي جي واردات ۾ ملوث اهلڪارن جي سڃاڻپ غالب ۽ نويد جي نالي سان ٿي

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ ڪجهه ڏينهن دوران پوليس جي ڌاڙي ۾ ملوث هجڻ جو ٽيون واقعو سامهون اچي ويو پوليس موجب ڌاڙي جي ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آرمي چيف جو شهيد جي نياڻيءَ جي دانهن تي ايڪشن

نياڻيءَ جي دانهن تي زيادتي ڪندڙ وڏيري ڏانهن سخت پيغام اماڻڻ جو حڪم

يوم تڪريم شهداءَ جي تقريب دوران آرمي چيف ڊيرا مراد جمالي جي شهيد جوان جي نياڻيءَ سان ڪچهري ڪئي

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير هڪ شهيد سپاهيءَ جي نياڻيءَ جي دانهن تي زيادتي ڪندڙ وڏيري ڏانهن سخت پيغام اماڻڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: صحت وارو وفاقي سيڪريٽري افتخار شالواڻي ميڊيا وال تي تاثرات لکي رهيو آهي

پاڪستان موسمياتي تبديلين جا خطرناڪ نتيجا ڀوڳيا: برطانوي بادشاهه

موسمياتي تبديلي ايندڙ نسلن لاءِ خطرناڪ مسئلو آهي

پيرس معاهدي ۾ دنيا جي وڏي مسئلي تي غور ڪيو

دبئي (م د) برطانيا جي بادشاهه شاهه چارلس ٽئين ڪوپ 28 اجلاس ۾ موسمياتي تبديلين سبب پاڪستان ۾ وڏي پيماني تي ٿيل تباهي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

موسمياتي تبديليون سڄي دنيا ۾ مليريا جي ڪيسن ۾ ڳڻتي جوڳي واڌ

2022ع ۾ سڄي دنيا ۾ مليريا جا 24 ڪروڙ 90 لک ڪيس رپورٽ ٿيا

مليريا جا 94 سيڪڙو ڪيس (23 ڪروڙ 30 لک) آفريڪا ۾ سامهون آيا

جنيوا (م د) عالمي سطح تي مليريا جي ڪيسن جي انگ ۾ نمايان واڌ ڏسڻ ۾ آئي آهي ۽ اهو موسمياتي تبديلين سبب ٿي رهيو آهي. اها ڳالهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ملڪ ۾ هن سال ايڊز جا 9 هزار کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿيڻ جو انڪشاف

ايڇ آءِ وي جا سڀ کان وڌيڪ ڪيس پنجاب ۽ سنڌ ۾ سامهون اچي رهيا آهن

خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان مان به ايڇ آءِ وي جا ڪيسز رپورٽ ٿي رهيا آهن

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) پاڪستان ۾ هن سال هيل تائين ايڇ آءِ وي جا 9 هزار 284 نوان مريضن جو انڪشاف ٿيو آهي. صحت واري وفاقي وزارت موجب/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ملڪ ۾ سيمينٽ، ريتي بجري، لوهه جي اگهن کي پر لڳي ويا

سيمينٽ جي في ٻوري جو اگهه 150 رپيا وڌڻ بعد ٻوري 1350 مان 1400 رپيا ٿي وئي

پائينئرز 1350 رپيا ۽ لڪي سيمينٽ 1350 رپيا في ٻوري ۾ وڪرو ٿيڻ شروع ٿي ويا

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سيمينٽ، ريتي بجري، لوهه جي اگهن کي به پر لڳي ويا آهن سيمينٽ جي في ٻوري جو اگهه 150 رپيا وڌڻ بعد ٻوري 1350/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

بئريسٽر گوهر خان پي ٽي آءِ چيئرمين جي عهدي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

اسلام آباد (م د) بئريسٽر گوهر خان پي ٽي آءِ چيئرمين جي عهدي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا. اليڪشن ڪميشن پاران پاڪستان تحريڪ انصاف کي انٽرا پارٽي اليڪشن ڪرائڻ جي حڪم نامي بعد پارٽي سڀاڻي 2 ڊسمبر تي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائي رهي آهي. پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ نامزدگي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

حڪومت ٻئي فيز ۾ 24 ادارن کي خانگائڻ جو فيصلو ڪري ورتو

پاور ڊسٽريبيوشن، پاور پروڊيوسرز ڪمپنيون، مينوفيڪچرنگ ڪمپنين سميت ٻيون ڪمپنيون شامل

ناڻي واري وزارت سرڪاري ادارن لاءِ ايس او ايز پاليسي جاري ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) حڪومت ٻئي فيز ۾ 24 ادارن کي خانگائڻ جو فيصلو ڪري ورتو جنهن ۾ پاور ڊسٽريبيوشن، پاور پروڊيوسرز ڪمپنيون، مينوفيڪچرنگ ڪمپنين سميت ٻيون ڪمپنيون شامل آهن. ناڻي واري وزارت سرڪاري ادارن لاءِ ايس ا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ بشريٰ بيبي جو گهيرو تنگ، نئون ريفرنس داخل

نيب اسلام آباد جي احتساب عدالت ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي خلاف 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ۾ ريفرنس داخل ڪيو

نيب راولپنڊي پاران داخل ڪيل ريفرنس ۾ عمران خان جي زال بشريٰ بيبي، فرح گوگي، اڳوڻي مشير شهزاد اڪبر ۽ ٻين جا نالا شامل

نيب جي ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل مظفر عباسي جاچ آفيسر ميان عمر نديم سان گڏ ريفرنس داخل ڪرايو

اسلام آباد (م د) قومي احتساب بيورو (نيب) 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ عمران خان ۽ سندس گهرواري سميت ٻين خلاف ريفرنس داخل ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

United Nations Climate Change
COP28UAE
DUBAI 2023
دبئي: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ عرب امارت جي صدر سان بيٺل آهي

سول ايويئيشن اٿارٽي (سي اي اي) ملازمن ۽ آفيسرن لاءِ گاڏين جي ايڊوانس لون جي نئين پاليسي جاري

اسلام آباد (م د) سول ايويئيشن اٿارٽي (سي اي اي) جي ملازمن کي سروس گروپ تحت گاڏي ۽ موٽرسائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نئين تڪبندين تحت قومي اسيمبلي جون 6 سيٽون گهٽجي ويون

قومي اسيمبلي ۾ عورتن جون 60 ۽ اقليتن جون 10 مخصوص سيٽون هونديون : اليڪشن ڪميشن

266 جنرل سيٽن سان گڏ قومي اسيمبلي جو ايوان 336 ميمبرن تي ٻڌل هوندو

اسلام آباد (م د) سڄي ملڪ ۾ قومي اسيمبلي جون 6 سيٽون گهٽجي ويون. گذريل ڏينهن اليڪشن ڪميشن نئين تڪبندين جي حتمي لسٽ جاري ڪئي هئي جنهن موجب ملڪ ۾ قومي اسيمبلي جي جنرل سيٽن جي 266 سيٽن لاءِ 266 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

چونڊ شيڊيول اليڪشن کان 54 ڏينهن اڳ جاري ٿيندو: چيف اليڪشن ڪمشنر

تڪبنديون شايع ٿي چڪيون آهن باقي سڀ ڪجهه به پنهنجي وقت تي ٿيندو

اليڪشن شيڊيول، آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي مقرري به وقت تي ٿيندي

اسان سڀ ڪجهه پنهنجي وقت کان اڳ ڪري رهيا آهيون

اسلام آباد (م د) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر راجا سلطان چيو آهي ته چونڊ شيڊيول اليڪشن کان 54 ڏينهن اڳ جاري ٿيندو. اسلام آباد ۾ صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا وڌيڪ چيو ته تڪبنديون شايع ٿي چڪيون آهن باقي سڀ ڪجهه به پنهنجي وقت تي ٿيندو. هن چيو ته اسان سڀ ڪجهه پنهنجي وقت کان اڳ ڪري رهيا آهيون. اليڪشن شيڊيول، آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي مقرري به وقت تي ٿيندي. چونڊ شيڊيول بابت سوال تي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جو چوڻ هو ته 8 فيبروري کان پوئتي 54 ڏينهن جو حساب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: وفاقي وزير فواد حسن فواد جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ماڙي جلباڻي واقعو ڪئين ٿي سگهي ٿو پنهنجا ماڻهون پنهنجن کي مارين: عدالت

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ماڙي جلباڻي ۾ چئن ڳوٺاڻن جي قتل خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

نظام ڪيڏو خراب آهي جو 4 ماڻهو مارجي ويا ۽ هيستائين جوابدارن جا نالا به ظاهر ناهن ڪيا ويا : جسٽس امجد سهتو

خبرن ۾ هليو ته دهشتگرد ماريا ويا آهن، ٻئي ڏينهن خبر پئي ته ڳوٺاڻا هئا. ماڻهن جو ڪيترو خون ضايع ڪندا توهان. اسان بيوقوف ناهيون : ٻڌڻي دوران ريمارڪس

ڪراچي (رپورٽر) ماڙي جلباڻي واقعي تي پوليس جون رپورٽون رد، ڊي آءِ جي کي رپورٽ سميت طلب ڪيو ويو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ماڙي جلباڻي ۾ چئن ڳوٺاڻن جي قتل خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ۽ 4زخمي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پاڪستان پاران غزه ۾ مستقل جنگبندي جو مطالبو

والاريل ڪشمير ۾ ورلڊ ڪپ دوران جشن ملهائيندڙ ڪشميري نوجوانن کي گرفتار ڪيو ويو : پرڏيهي آفيس ترجمان

والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم جاري آهي، ڀارت والاريل ڪشمير ۾ رياستي دهشتگردي بند ڪري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان عالمي برادري کان مطالبو ڪيو آهي ته هو فلسطينين تي جاري بمباري کي روڪڻ ۽ غزه ۾ مستقل جنگ بندي لاءِ ڪردار ادا ڪري. هفتيوار بريفنگ ۾ پرڏيهي آفيس جي ترجمان والاريل ڪشمير جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

فيصل آباد: قرضي شخص زال ۽ 3 نياڻين کي قتل ڪرڻ بعد آپگهات ڪري ڇڏيو

ڊجڪوٽ جي ڀرپاسي واري علائقي مان زال مڙس ۽ ٽن ٻارڙين جا لاش مليا

ٻارڙين جي عمر 11، 16 ۽ 18 سالن جي وچهو آهن جن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن : پوليس

جوابدار لکت ڇڏي جنهن ۾ قرض ادا نه ڪري سگهڻ سبب هن پاڻ ۽ ٻارن کي موت جي ننڊ سمهارڻ جو بيان لکيو، وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

فيصل آباد (م د) فيصل آباد ۾ قرض کان پريشان شخص زال ۽ ٽن نياڻين کي قتل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: پاڪستان پ پ ويمن ونگ جي مرڪزي اڳواڻ ثمينه خالد يوم تاسيس جي تقريب کي خطاب ڪندي

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ استعمال لاءِ مليل ٻه لگزري گاڏيون واپس ڪري ڇڏيون

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ استعمال لاءِ مختص ڪيل ٻه لگزري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ساڪرو تڪ جي بحالي حق ۽ سچ جي فتح آهي: سسئي پليجو

اليڪشن ڪميشن پاران ٺٽي ضلعي جون ٽي صوبائي سيٽون گهٽائي 2 سيٽون ڪرڻ مقامي ماڻهن سان ناانصافي آهي

بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ سنڌ جي ساموندي پٽي سميت پوري سنڌ جي ڀرپور خدمت ڪئي ويندي

ٺٽو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سسئي پليجو چيو آهي ته ميرپور ساڪرو واري صوبائي سيٽ جي بحالي حق ۽ سچ جي فتح آهي، اليڪشن ڪميشن پاران ٺٽي ضلعي جون ٽي صوبائي سيٽون گهٽائي 2 سيٽون ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نئون ڪوٽ جي اسڪولن ۾ ثقافتي رنگ نروار، ثقافتي تقريب منعقد

گورنمينٽ پرائمري اسڪول جيرام داس پاڙو امن آباد ۾ ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي

اسڪولي شاگردن پاران ٽيبلوز خاڪا پيش ڪرڻ سان گڏ قومي گيتن تي رقص ڪيو

ثقافتي لباس پائي ڀرپور ريليون ڪڍيون ۽ قومي گيتن تي رقص ڪري سنڌ کي ڀيٽا پيش ڪندا سون: اڳواڻ

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ جي اسڪولن ۾ ثقافتي رنگ نروار، ثقافتي تقريب منعقد، ٻارڙن پاران ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهائڻ جو عزم. خبر موجب نئون ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول جيرام داس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نئون ڪوٽ: ثقافتي تقريب دوران ٻارڙيون ٽيبلوز پيش ڪري رهيون آهن

سلطانپور پرسان موٽرسائيڪل ۽ چنگچي رڪشه ۾ آمهون سامهون ٽڪر، 4 ڄڻا زخمي

سلطانپور(رپورٽر) هاليجي کان سلطانپور ڪينٽ روڊ تي موٽرسائيڪل ۽ چنگچي رڪشه ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا زخمي ڪينٽ روڊ تي تيز رفتار سبب حادثي جي نتيجي ۾ ڳوٺ جڙاس واسي پورهيت شاهه محمد ولد جان محمد، صدام حسين ولد قمر الدين ڪورائي، عادلپور واسي عبدالرحمان ولد انور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪوهستان واسين سنڌي ميڊيا جي سڏ کي جيءَ ۾ جايون ڏئي ڇڏيون

ڪوهستان ثقافتي رنگن سان رڱجي ويو ثقافتي تقريبون منعقد ڪوهستان خوبصورت ثقافتي سنڌ جو ڏيک ڏيڻ لڳو

پلن گهوڙن کي سهڻي نموني سينگاري ڊوڙ ۾ شامل ڪري سنڌ جي شاهوڪار ثقافت کي نروار ڪيو ويو

ٿاڻو بولاخان (رپورٽر) ڪوهستان واسين سنڌي ميڊيا جي سڏ کي جيءَ ۾ جايون ڏئي ڇڏيون. ڪوهستان ثقافتي رنگن سان رڱجي ويو ثقافتي تقريبون منعقد ڪوهستان خوبصورت ثقافتي سنڌ جو ڏيک ڏيڻ لڳو ان ڏس ۾ ڪوهستان جي قديمي شهر ٿاڻو احمد خان ۾ سردار زاده ملڪ سڪندر خان ملڪ شير دل خان ملڪ ٻهاڙ خان جي پلن گهوڙن ۾ ڊوڙ ڪرائي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ ايڊز جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان جاڳرتا ريلي

شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڊاڪٽرن، معزز شهرين، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جي شرڪت

ايڇ آءِ وي ايڊز جو هڪ وائرس آهي جنهن جو علاج ممڪن آهي ۽ علاج لاءِ ٽريٽمينٽ سينٽر کليل آهن: اڳواڻ

متاثر مريض اچي علاج ڪرائڻ ته ۽ صحتمند زندگي گذاري رهيا آهن. ايڇ آءِ وي ۾ مبتلا مريضن سان نفرت نه پر پيار ڪيو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظورملڪ) ٻهرين ڊسمبر ايڊزجي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان سول اسپتال نوشهروفيروز کان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ شهرجي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڊاڪٽرن، معزز شهرين، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ريلي ۾ شامل اڳواڻن ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ارسلان سليم ڊي ايڇ او نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

UNAIDS
UNDP
unicef
World Health Organization
ORLD AIDS DAY
2023
REMEMBER & COMMIT
نوشهروفيروز: ايڊزجي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪڏڻ شهر جو نوجوان بشير خان سان محبت ڪندڙ سنڌو ديش جا نعرا هڻندڙ مرگهي سبب لاڏاڻو ڪري ويو

ڪڏڻ(رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڏڻ شهر جي جمالي پاڙي جو رهواسي بشير خان سان محبت ڪندڙ جسقم جو ڪامريڊ 30 سالا نوجوان حق نواز عرف بابلي جمالي مرگهي سبب اتڊس اسپتال بدين ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي مڙهه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي آخري رسمن ۾ واپارين سياسي سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سنڌ ڪابينا رينجرز جي آپريشنل صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ 357 ملين رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي

سنڌ ڪابينا عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنن لاءِ استعمال ٿيندڙ اسڪولن جي مرمت لاءِ 3.3 ارب رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي

پوليس کاتي اي ايس آءِ جي 1046 پوسٽن تي عام ڀرتي لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي درخواست موڪلي آهي: بريفنگ

صوبائي ڪابينا ٿيل پنهنجي اجلاس ۾ اي ايس آءِ جي پوسٽ تي ڀرتي لاءِ بنيادي تعليمي قابليت انٽرميڊيٽ کي قرار ڏنو هو

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي صوبائي نگران ڪابينا ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين جاري اجلاس ۾ 24 ايجنڊا آئٽمن تي غور ڪيو ۽ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز (اي ايس آئيز) جي ڀرتين ۽ ٻوڏ کان بچاءُ جي منصوبن تي عملدرآمد لاءِ 11.97 ارب رپيا قرض وٺڻ ۽ رينجرز جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ 357 ملين رپيا منظور ڪرڻ جهڙا اهم فيصلا ڪيا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي شهيد جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيا

110 ڏينهن به احتجاج جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي وئي

پوليس اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ناهي ٿي سگهي: مظاهرين جون دانهون

قاتلن جا ساٿاري طاقتور آهن، اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي شهيدجان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيا. 110 ڏينهن به احتجاج جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي وئي سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊي سي بدين جي آفيس جا ضلعي جي شهرين ۽ عام عوام لاءِ دروازا بند

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ اڍائي مهينن کان ڊي سي بدين جي آفيس جا ضلعي جي شهرين ۽ عام عوام لاءِ دروازا بند آهن ۽ بي لاءِ ميٽنگن ۽ وزٽن ناليءِ صرف فوٽو سيشن ۽ اڪثر ڪري آفيس مان سندس غير موجود گي سبب سندس اي ڊي سيز کان وٺي اسسٽنٽ ڪمشنرن مختيارڪارن جي آفيسن ڪرپشن ۾ ب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دولتپور صفن ۾ آئل ٽينڪ ٺاهڻ جو ٺيڪو وٺندڙ ٺيڪيدار سعد حسين فراڊ جو شڪار

آئل ڊپو اندر ڪم ڪندڙ مزدورن کي ڪم کان روڪي ڇڏيو، سعد حسين پي ايس او آئل ڊپو اڳيان احتجاج ڪيو

معاهدو ٿيو ته نفعي مان هر مهيني 85 هزار رپيا ڏنا ويندا، 6 مهينا گذرڻ باوجود هڪ رپيو به نه مليو: مظاهرين

سعد حسين پي ايس او ڊپو تي ٽينڪ جي تعميراتي ليبر کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

دولتپور صفن(رپورٽر) دولت پور پي ايس او ڊپو ۾ آئل ٽينڪ ٺاهڻ جو ٺيڪو وٺندڙ ٺيڪيدار سعد حسين فراڊ جو شڪار، آئل ڊپو اندر ڪم ڪندڙ مزدورن کي ڪم کان روڪي ڇڏيو تفصيل موجب سعد حسين نالي هڪ شخص پي ايس او آئل ڊپو اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته پي ايس او جي ڊيپو ۾ آئل ٽينڪ تعمير ڪندڙ آءِ ڊبليو جي ٺيڪيدارن مدثر اقبال ۽ امان الله کي 6 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

چمبڙ ۾ ڀاڻ جي بليڪ تي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

ڪميونسٽ پارٽي، سنڌ هاري ڪميٽي پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ڪمشنر آفيس چمبڙ اڳيان ڌرڻو

سرڪاري قيمت 3600 روپيا آهي اها چمبڙ ۾ 6000 روپين تائين وڪرو ٿي رهي آهي: مظاهرين

ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر خاموش آهن، هن ڪرپٽ نظام آبادگارن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

ٽنڊوالهيار(رپورٽر) چمبڙ ۾ ڀاڻ جي بليڪ تي وڪري خلاف ڪميونسٽ پارٽي، سنڌ هاري ڪميٽي پاران احتجاجي ريلي، اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس چمبڙ اڳيان ڌرڻو، روڊ تان گذرندڙ ڀاڻ جو ٽريلر به روڪيو ويو چڪتاڻ. سيٺ ڀاڻ اسٽاڪ ڪري بليڪ تي وڪرو ڪري رهيا آهن. ارباب رستماڻي سيٺن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي، گلاب پيل، ذوالفقار کوسو. تفصيل موجب ڪميونسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نيو سعيد آباد ۾ انٽر اسڪولس جي ٽورناميٽ جو جوڀهريون سيمي فائنل کيڏيو ويو

نيوسعيدآباد(رپورٽر) مخدوم محمد زمان طالب المولي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري ISCL اسڪول جي گرائونڊ تي هلندڙ انٽر اسڪولس جي ٽورناميٽ جو جوڀهريون سيمي فائنل ۾ ٻهرين بيٽنگ ڪندي گورنمينٽ هاءِ اسڪول نيو سعيدآباد 148 رنسون ٺاهيون. جيڪي مخدوم محمد الزمان طالب المولا گورنمينٽ هائير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سنجهورو پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪارروائي، هڪ جوابدار گرفتار ڪري ورتو

پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري سندس وٽان موٽرسائيڪل برآمد ڪرائي مالڪ حوالي ڪري ڇڏي

ايس ايس پي سانگهڙ جي هدايتن تي ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون هلندڙ آهن: پوليس

ڪنهن به ڌوهاري کي بخش نه ڪيو ويندو، پوليس روزانو جي بنيادن تي ڌوهارين خلاف ڪارروائيون ڪري رهي آهي

سنجهورو(رپورٽر) سنجهورو پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري سندس وٽان موٽرسائيڪل برآمد ڪرائي مالڪ حوالي ڪري ڇڏي تفصيل موجب سنجهورو پوليس جون ڌوهارين ۽ منيشات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ آپريشن ڪيو پيو وڃي: سکر پوليس

ايس ايس پي سکر عرفان علي سمون جي اڳواڻي ۾ شڪارپور جي ڪچي ۾ آپريشن ڪيو پيو وڃي

پوليس شڪارپور جي علائقي چڪ ۾ شيرو مهر جي گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي

جوابدارن تي نظر رکڻ ۽ ڪچي جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊرون ڪيمرائون به استعمال ڪيون پيون وڃن

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي سکر عرفان علي سمون جي اڳواڻي ۾ شڪارپور جي ڪچي ۾ آپريشن ڪيو پيو وڃي. ايس ايس پي سکر عرفان علي سمون موجب شڪارپور جي علائقي چڪ ۾ شيرو مهر جي گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سکر: سيپڪو پاران جاري آپريشن ۾ 6 ارب 10 ڪروڙ کان وڌيڪ رقم وصول

بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرن خلاف 2051 ڪيس داخل ڪيا ويا، 482 بجلي چور گرفتار

بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرن خلاف ڏينهن رات آپريشن ڪيو پيو وڃي: ترجمان سيپڪو طفيل احمد سومرو

سکر(بيورو رپورٽ) سيپڪو پاران 7 سيپٽمبر کان جاري آپريشن ۾ هن وقت تائين 6 ارب 10 ڪروڙ کان وڌيڪ رقم وصول ڪئي وئي آهي. بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرن خلاف 2051 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن482 بجلي چور گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

غوٺپور ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب

ثقافتي ڏينهن اسان لاءِ عيد جيان هوندو آهي: استاد سنيل ڪمار ۽ ٻيا

اسان هر سال ثقافت جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپور سنڌي ميڊيا جي سڏ تي غوٺپور شهر جي مشن پرائمري اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ پروقار تقريب جو بندوبست ڪيو ويو جنهن ۾ اسڪول جي سوين شاگردن ڪانسواءِ ڪيترن ئي استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

غوٺپور: ثقافتي تقريب دوران استاد ويٺل آهن

نئون ديرو: غنوئي ٻيٽو جي ڪمدار لطف الله ناريجو پاڻ مٿان الزام رد ڪري ڇڏيا

مينيجر عنايت عمراڻي اسان مٿان الزام هڻي ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي: لطف الله ناريجو

اسان هن کي ته ڇا پر ڪنهن کي به ڀتي لاءِ ڪا پرچي يا پيغام ناهي موڪليو

نئون ديرو(رپورٽر) گذريل ڏينهن غنوئي ٻيٽو اسٽيٽ جي مينيجر عنايت عمراڻي پاران جاري ڪيل بيان ۾ الزام هيٺ ايندڙ ڪمدار لطف الله ناريجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بدين ۾ ايڊز کان بچاءُ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي قيادت ۾ آگاهي واڪ

لاعلاج مرض آهي ان کان بچاءُ لاءِ احتياط انتهائي ضروري آهي: ڊي سي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پوري ملڪ جيان بدين ۾ به ايڊز کان بچاءُ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ڊي ايڇ او آفيس کان او پي ايف اسڪول تائين ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي قيادت ۾ آگاهي واڪ ڪئي وئي آگاهي واڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ ڊي ايڇ او هيلٿ آفيس پاران ايڊز جي عالمي ڏينهن تي ريلي

عالمي ادارن جي هڪ گڏيل ڪوشش رهي آهي ته هي مرض وڌيڪ نه ڦهلجي: ڊي ايڇ او

هي مرض نوجوان نسل ۾ وڌيڪ ڦهلجي رهيو آهي انهيءَ لاءِ اوهان کي احتياط ڪرڻو پوندو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)سکر ۾ ڊي ايڇ او هيلٿ آفيس پاران ايڊزجي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جي اير اير سي سول اسپتال سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر: ايڊزجي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تقريب کي مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

غريبن جي خدمت سان دلي سڪون ملندو آهي: شير محمد مغيري

پيپلز پارٽي ترجيحي بنيادن تي ان کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

پارٽي ورڪر ۽ شهري منهنجي ڪاميابي جا خواهشمند آهن

جيڪب آباد(رپورٽر) جيڪب آباد سماجي اڳواڻ حاجي شير محمد مغيري خصوصي ڳالهه ٻولهه دوران چيو آهي ته غريبن جي خدمت سان ڪيس دلي سڪون ملندو آهي ۽ اسيمبلي ۾ پهچي مظلومن جو آواز اٿارينديس هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪڏڻ پرسان ڳوٺ چتو خان لنڊ ۾ اچانڪ باهه

باهه لڳڻ سبب رهواسين جا گهر ۽ گهرن ۾ پيل سامان سڙي رک ٿي ويو

باهه متاثر کلي آسمان هيٺ ويٺل، سرندي وارن کان واهر جي اپيل

ڪڏڻ(رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڏڻ پرسان ڳوٺ چتو خان لنڊ ۾ اچانڪ باهه لڳڻ سبب رهواسين جا گهر ۽ گهرن ۾ پيل سامان سڙي رک ٿي ويو متاثر کلي آسمان هيٺ ويٺل، سرندي وارن کان واهر جي اپيل خبر موجب ڪڏڻ لڳ يوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪڏڻ: باهه لڳڻ بعد واقعي واري هنڌ جو ڏيک

شيرانپور پرسان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ قائم

اسي ڳوٺ ۾ ماهر ڊاڪٽر مسڪين عوام جي خدمت لاءِ آندو آهي: ارشدعلي جکراڻي

ميڊيڪل ڪيمپ ۾ فري علاج سان گڏ مفت دوائون پڻ مهيا ڪيون پئي وڃي

جيڪب آباد(رپورٽر) شيرانپور پرسان ڳوٺ امام بخش بروهي ۾ پ پ جي چيئرمين ارشدعلي جکراڻي جي ڪوشش سان بي بي ايڇ آءِ ۽ شيرباز چانڊيو مهر بخش بروهي جي تعاون سان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ قائم ڪئي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ هڪ ڏينهن لاءِ دوري تي ٽنڊوالهيار پهتو

ڊاڪٽر مظهر علي رند سان گڏجي مختلف وٽرنري ڊسپينسري جا دورا ڪيا، آفيس جو رڪارڊ چيڪ

مال کي بهتر علاج فراهم ڪرڻ لاءِ انهن جي ڳوٺن ۾ وڃي ويڪسين جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن: ڊي جي

ٽنڊوالهيار(رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر توقير الرحمن هڪ ڏينهن لاءِ دوري تي ٽنڊوالهيار پهتو. ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٽنڊوالهيار ڊاڪٽر مظهر علي رند ۽ سندس عملي آجيان ڪئي. ڊاڪٽر توقيرالرحمن آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ فوٽ پاٿن تي لڳل غيرقانوني ريڙهي خلاف ڪارروائي

اسسٽنٽ ڪمشنر ثوبيه فلڪ راٺوجي نگراني ۾ غيرقانوني لڳل ريڙهيون هٽايون ويون

دڪاندار پنهنجن دڪانن اڳيان صفائي سٿرائي جو خاص خيال رکن: اسسٽنٽ ڪمشنر

سکر(رپورٽر) مينار روڊ جي فوٽ پاٿن تي لڳل غيرقانوني ريڙهي بازار خلاف ڪارروائي اسسٽنٽ ڪمشنر ثوبيه فلڪ راٺوجي نگراني ۾ سمورين غير قانوني لڳل ريڙهين هٽايون ويون، تفصيل موجب، اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ثوبيه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: اسسٽنٽ ڪمشنر ثوبيه فلڪ راٺو حدخلين خلاف آپريشن ڪري رهي آهي

بدين ۾ سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ سنڌ ڌرتيءَ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب

ريلي جي اڳواڻي شيدي ايڪتو جماعت سنڌ جي مرڪزي صدر ذوالفقار شاهه، سينيئر نائب صدر مير محمد شيدي ۽ ٻين ڪئي

شيدي سنڌ ڌرتيءَ خاطر هر گهڙي جان جو نذرانو ڏيڻ لاءِ تيار آهن. شهيد جنرل هوش محمد شيدي سنڌ ڌرتيءَ جي جيڪا وارثي ڪئي: اڳواڻ

سنڌ ڌرتيءَ ڏانهن ميري اک ڪندڙ جو مقابلو شهيد جنرل هوش محمد شيدي جي وارث برابري جو هر ٻچو ٻچو ڪندو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون شهيد جنرل هوش محمد شيدي سنڌ ڌرتيءَ لاءِ قرباني ڏئي امر ٿي ويو: شيدي ايڪتو جماعت سنڌ تفصيل موجب سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ سنڌ ڌرتيءَ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين: ثقافتي ڏهاڙي بابت ٿيل تقريب دوران رقص ڪيو پيو وڃي

پ پ اڳواڻ وڏيرو سڪندر علي ٻنڊڻ جي گهرواري بيماري سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي

سکر(بيورو رپورٽ) پ پ اڳواڻ وڏيرو سڪندر علي ٻنڊڻ جي گهرواري بيماري سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه سميت پارٽي اڳواڻن، ڪارڪنن دوستن ۽ مائٽن ٽڏي تي پهچي عذرخواهي ڪئي. تعزيتي سلسلو جاري اڄ ٽيجهو ڪيو ويندو. تفصيل موجب، پ ب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽي جي صوبائي تڪن جي تڪبندين ۾ تبديلي ڪري نئون حتمي شيڊول جاري

اليڪشن ڪميشن هڪ دفعو ٻيهر ٺٽي جي صوبائي تڪن جي تڪبندين ۾ تبديلي ڪري نئون حتمي شيڊول جاري ڪري ڇڏيو

پي ايس 75 ٺٽو 1 ۾ ٺٽو تعلقو مڪمل ۽ گهوڙاٻاري جي ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري ۽ ٽن ٽپيداري سرڪلن گليل، ڪوٽڙي الهرکيو شاهه ۽ کاڻ شامل

گهوڙاٻاري(رپورٽر) اليڪشن ڪميشن هڪ دفعو ٻيهر ٺٽي جي صوبائي تڪن جي تڪبندين ۾ تبديلي ڪري نئون حتمي شيڊول جاري ڪري ڇڏيو. ٺٽي ضلعي جي ختم ڪيل ميرپور ساڪرو صوبائي تڪ کي بحال ڪري وري تاريخي تڪ گهوڙاٻاري صوبائي تڪ کي ختم ڪيو ويو، ماضي ۾ ٽن صوبائي تڪن تي مشتمل ٺٽي ضلعي کي ٻن صوبائي تڪن تي محدود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شڪارپور جي صحت کاتي پاران ايڊز جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ريلي

ڊاڪٽر الطاف احمد چاچڙ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر پرويز سومرو ۽ فوڪل پرسن ڊاڪٽر حفيظ شاهه ۽ ٻين جي شرڪت

ايڊز جي موذي مرض کان بچاءُ لاءِ ماڻهن کي گهرجي ته سرنج جو استعمال بهتر هجڻ گهرجي: ڊاڪٽر الطاف احمد چاچڙ

نڪ ۽ ڪن ٽوپائڻ لاءِ صاف اوزار استعمال ڪرڻ گهرجن، جيڪڏهن ڪو ماڻهو رت جي ٿيلهي استعمال ڪري ته اها صاف هجڻ گهرجي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي صحت کاتي پاران ايڊزجي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ريلي جو انعقاد تفصيل موجب گذريل ڏينهن صحت کاتي شڪارپور طرفان ايڊز جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ڊاڪٽر الطاف احمد چاچڙ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر پرويز سومرو ۽ فوڪل پرسن ڊاڪٽر حفيظ شاهه جي اڳواڻي ۾ ڊي ايڇ او آفيس کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

WORLD AIDS DAY 2023
LET THE COMMUNITY LEAD
شڪارپور: ايڊزجي عالمي ڏينهن بابت نڪتل ريلي جو ڏيک

سکر ۾ پريا ڪماري ۽ اصغر منگريو سميت مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پريا ڪماري ۽ اصغر منگريو سميت مغوين جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ کي 59 ڏينهن ٿي ويا، سنڌ حڪومت ۽ انساني حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪنهن به اڳواڻ سار نه لڌي، احتجاج جاري مغوين جي بازيابي لاءِ نعري بازي، سول سوسائٽيءَ مسلم ليگ ن پاران يڪجهتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪنڊڙو ۽ پسگردائي جي علائقن ۾ پوليس سرپرستي هيٺ سماجي برايون عروج تي پهچي ويون

منشيات، ديسي شراب، آڪڙا پرچي، جوا، فينسي بڪي جوا، زهريلي سفينا، آداب سپارين سميت آئيس جي نشي جو وڪرو سرعام جاري

پوليس جي مڪمل آشيرواد آهي ڪيترائي نوجوان ۽ اسڪولي شاگرد پڻ هن نشي آور شين جا عادي بڻجي ويا آهي: رهواسي

شهر ۽ پسگردائي جي علائقن مان سماجي برائين جو هڪدم خاتمو آڻي نوجوان نسل کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

ڪنڊڙو (رپورٽر) ڪنڊڙو شهر ۽ پسگردائي جي علائقن ۾ پوليس سرپرستي هيٺ سماجي برايون عروج تي پهچي ويون، منشيات، ديسي شراب، آڪڙا پرچي، جوا، فينسي بڪي جوا، زهريلي سفينا، آداب سپارين سميت آئيس جي نشي جو وڪرو سرعام جاري خبر موجب ڪنڊڙو ۽ پسگردائي جي علائقن ۾ پوليس سرپرستي هيٺ سماجي برايون ڪافي عروج تي پهچي ويون آهن چرس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: شڪارپور روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل 5 ڄڻن جي جنازي نماز ادا

4 جنازا کڻڻ وقت ماحول سوڳوار رهيو ۽ هر اک ڳوڙها ڳاڙيندي رهي، علائقي ۾ ڏک جي لهر

جنازي نماز ۾ پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ميمبر سنڌ اسيمبلي ممتاز چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

فوتي جلسي کان واپس اچي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو ۽ هي افسوسناڪ واقعو پيش آيو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) گذريل رات شڪارپور ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿيلن جي جنازي نماز نوشهروفيروز جي پبلڪ پارڪ ۾ ادا ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻن سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. هڪ ڄڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: شڪارپور پرسان روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويلن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

نوشهروفيروز جي سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج ڊاڪٽر محمد پريل تگڙ ۽ ڊاڪٽر سارنگ تگڙ خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

نوشهروفيروز(ڊ ر) سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج طاهر حسين ابڙو جي عدالت مائد ميڊيڪل سينٽر جي جنرل سرجن ڊاڪٽر محمد پريل تگڙ ۽ سندس پٽ ڊاڪٽر سارنگ تگڙ خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ڊاڪٽرن جي خلاف ڳوٺ علڻ ڪليري تعلقي ڪنڊياري جي عورت مسمات نصرت زال غلام نبي ڪليري عدالت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سوڀوديرو ۾ ڊي اي پي ۽ يوريا ڀاڻ جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سنڌ آبادگار اتحاد ضلعي خيرپور پاران ڀاڻ جي ڪوٽ خلاف رائيل ان هوٽل کان افضل چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

انتهائي ظلم آهي هن وقت ڪڻڪ جي سيزن هلي پئي پر يوريا ڊي اي پي بليڪ تي وڪرو ٿي رهيو آهي: مظاهرين جون دانهون

ضلعي ۾ فصل لاءِ ڀاڻ نٿو ملي پر ضلعي انتظاميا اگهور ننڊ ۾ ستل آهي في ٻوري ۾ هزار روپيا سرڪاري اگهه کان مٿي ملي ٿي پئي

سوڀوديرو (رپورٽر) ڊي اي پي ۽ يوريا ڀاڻ جي ڪوٽ خلاف سنڌ آبادگار اتحاد پاران گمبٽ ۾ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو سنڌ آبادگار اتحاد ضلعي خيرپور پاران ڀاڻ جي ڪوٽ خلاف رائيل ان هوٽل کان افضل چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي رئيس غلام حسين چانگ جمال محمود کهڙو جهانگير سيال مهدي حسن ٻاگت زاهد سامٽيو حاڪم جوکيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مانجهند ۾ متاثر پٽي خاندان قبضا مافيا ۽ پوليس ڌاڙ خلاف احتجاج جاري

متاثر پٽي خاندان قبضا مافيا ۽ پوليس ڌاڙ خلاف 36 هين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري رکي

باائر وڏيرو اختر پٽي سندن کاتي جي 80 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري ويٺو آهي: مظاهرين جون دانهون

پوليس به وڏيري سان هٿ ٺوڪيل آهي، اسان کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ متاثر پٽي خاندان قبضا مافيا ۽ پوليس ڌاڙ خلاف 36 هين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري رکي انصاف جو مطالبو. تفصيل موجب مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس آزار خلاف پٽي برادري طرفان 36 ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪري احتجاج جاري رکيو ان موقعي تي پيرسن ڪاڻيدار ولي محمد پٽي سهيل پٽي عامر پٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

احتجاج
زمينن تي قبضي خلاف علامتي بک هڙتال
مانجهند: پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

دولتپور پرسان پنجو پوليس جي حد ۾ وارداتن ۾ اضافو ٿي ويو

دولت پور صفن(رپورٽر) دولتپور پرسان پنجو پوليس جي حد ۾ وارداتن ۾ اضافو ٿي ويو ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون ڏينهن ڏٺي جو پنجو لنڪ روڊ سان مال راهو چوڪ تي هٿياربند ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل سوار هٿيارن جي زور تي روڪي ذوالفقار عرف پٽو ڏاهري کان 2017 سي ڊي موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦري فرار ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڄاول ۾ پ پ جو 56 هين يوم تاسيس ملهايو ويو

پارٽي جي عهديدارن ورڪرن عبدالمطلب پٽي، فاروق ميمڻ، جام دوست علي سهتو، لياقت سومرو ۽ ٻين جي شرڪت

اڄوڪي ڏينهن تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پارٽي جو بنياد وڌو جنهن کي اڄ 56 سال پورا ٿيا آهن: اڳواڻ

ڀٽو خاندان شهيد ٿي ويو پر عوام جي دلين مان پيپلز پارٽي کي ڪنهن به جابر ڪڍي نه سگهيو

سڄاول(رپورٽر)سڄاول ۾ پ پ جو 56 هين يوم تاسيس ملهايو ويو، ڪيڪ ڪاٽيو ويو. پ پ ضلع سڄاول جو ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نجيب سرويچ جي اڳواڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي 56 هين يوم تاسيس جو ڪيڪ سورج سڄاولي پريس ڪلب ۾ ڪاٽيو ويو جنهن ۾ پارٽي جي عهديدارن ورڪرن عبدالمطلب پٽي، فاروق ميمڻ، جام دوست علي سهتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

❊❊❊ روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي❊❊❊

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 02 ڊسمبر 2023ع

جبري گمشدگين جو ڪيس ۽ عدالتي رمارڪس

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 10 جنوري تائين بلوچ شاگرد بازياب ڪرائڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي. جسٽس محسن اختر ڪياني رمارڪس ڏنا ته ايندڙ ٻڌڻي تائين بلوچ شاگرد بازياب نه ٿيا ته وزيراعظم، نگران گهرو وزير ۽ دفاع واري سيڪريٽري خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويندو، پوءِ وزيراعظم سميت سڀني کي گهر وڃڻو پوندو. وفاقي نگران گهرو وزير عدالت کي آگاهي ڏني ته پاڻمرادو گم ٿيل، جبري گمشدگين ۽ مسنگ پرسنس ۾ فرق آهي. ڪيترا ته زالن سان جهيڙو ڪري گم ٿي وڃن ٿا، بعد ۾ سندن گهرڀاتي ڪميشن ۾ ڪيس ڏيندا آهن. ٻئي طرف سنڌ هاءِ ڪورٽ به صحافيءَ سميت گم ٿيل شهري بازياب نه ٿيڻ تي گهرو کاتي، آءِ جي پوليس، ڊي جي رينجرز ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪري 7 ڊسمبر تي جواب طلب ڪري ورتو آهي.

ملڪ ۾ شهرين جي ڪنيجڻ ۽ انهن جي جبري گمشدگين وارو معاملو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڳنڀير ٿيندو پيو وڃي. ڪنيي گم ڪيل ماڻهن جا وارث احتجاج ڪن ٿا ته ان تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي. جبري گم ڪيل ماڻهن بابت قائم ڪيل ڪميشن ۾ وڃن ٿا ته ڪميشن جي بي اختياريءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ محسوس ٿئي ٿو ته ڪميشن جي جوڙجڪ به معاملي کي اينگهائڻ ۽ وقت گذارڻ لاءِ ٿي ٿيندي آهي. سڀني پاسن کان مايوس ٿي جڏهن ماڻهو عدالتن ۾ وڃن ٿا ته لاڳاپيل ادارا عدالتن کي به درست جاڻ ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. پنجاهه بلوچ شاگردن جي گمشدگيءَ واري ڪيس جون هيستائين 22 شنوائيون ٿي چڪيون آهن پر رڳو عدالت جو وقت ضايع ڪيو پيو وڃي. جيڪي ماڻهو گم ڪيا وڃن ٿا، اهي هن ملڪ جا شهري آهن. آئين ۾ انهن جي جان ۽ مال جي تحفظ جي ضمانت ڏني وئي آهي. رياست انهن جي ان حق جي تحفظ لاءِ ذميوار آهي. پر رياست طرفان اهو فرض پورو نه پيو ڪيو وڃي. ان کي انساني حقن جو معاملو نه پيو سمجهيو وڃي. جبري گمشدگين جي حوالي سان با اختيار ۽ ذميوار اهلڪارن جي ٻولي ٻڌي حيرت ٿئي ٿي. ان حوالي سان وفاقي گهرو کاتي جي نگران وزير سرفراز بگٽيءَ جو عدالت ۾ بيان ٻڌي ڏسجي ته اهو اندازو آسانيءَ سان ٿي ويندو ته موصوف ڪهڙي ذميواراڻي گفتگو ڪري رهيو آهي. عدالت طرفان سختي ۽ سخت ريمارڪس ڪانپوءِ هيستائين 50 مان 22 شاگرد بازياب ڪرايا ويا آهن، جڏهن ته اڃان تائين 28 شاگرد گم آهن. اهي 22 شاگرد ڪٿان ۽ ڪنهن وٽان بازياب ٿيا، جيڪڏهن ان جا پيرا کڻجن ته اها پرولي سلجهي وڃي ٿي. وفاقي گهرو وزير کان جڏهن صحافي سوال ڪيو ته ڇا کڻ ته اهي شاگرد ڪنهن وٽان بازياب ٿيا؟ ته موصوف ڪين چوي ٿو ته اهو انهن کان وڃي پڇو. انتهائي اهم منصب تي ويٺل وفاقي وزير جي اهڙي بيان تي حيرت ٿي ٿئي. هونئن ته سڄي ملڪ مان ماڻهو ڪنيجي رهيا آهن پر بلوچستان ۾ ڪنيي گم ڪيل ماڻهن جو تعداد وڌندو پيو وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 29 نومبر واري ٻڌڻيءَ تي نگران وزيراعظم کي پڻ طلب ڪيو هو پر هو ملڪ کان ٻاهر هجڻ جي ڪري عدالت اچي نه سگهيو. جيڪڏهن ڪي ماڻهو ڏوهاري آهن ته انهن کي عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ ڪين عدالتن مان ئي سزائون ملڻ گهرجن پر جبري گمشدگين جي ڪري هڪ ته قانون جي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي، عدالت کان مٿانهان عمل ٿي رهيا آهن پر ساڳئي وقت انهن جبري گمشدگين جي ڪري اسان جو ملڪ سڄي دنيا ۾ بدنام ٿي رهيو آهي. تربت ۾ سي ٽي ڊي اهلڪارن هٿان نوجوان جي مبينا قتل خلاف تربت ۾ هڪ هفتي تائين احتجاج هلندو رهيو ۽ هفتي کان پوءِ ان جي تدفين ٿي آهي ۽ ڪائناتي ڳونڙو بخيل دنيا ان لقاءَ کي حيرت ۽ ڏک سان ڏسندي رهي. هڪ هفتي جي احتجاج ڪانپوءِ مس مس حڪومت جاچ جي ضرورت محسوس ڪندي سيڪريٽري فشريز جي سربراهيءَ ۾ ڪميٽي جوڙي آهي. جڏهن ته ان واقعي جي عدالتي جاچ ٿيڻ گهرجي ها. اهو رويو، ظاهر آهي ته ماڻهن ۾ ڪاوڙ پيدا ڪندو. ويڇا وڌندا، بلوچستان جي هن جاگرافيائي سٽاءَ سان تعلق جي تند ڪمزور ٿيندي.

اسان اڳ به هن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته جبري گمشدگين جي حوالي سان قانون سازي ٿيڻ گهرجي. جبري گمشدگيون انساني حقن جي سڌي لتاڙ آهن ۽ ان سان ملڪ بدنام ٿئي ٿو. سڄي ملڪ مان ڪنيي گم ڪيل ماڻهن کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ آئنده اهڙي عمل جي رستي روڪ ڪئي وڃي.

ملڪ جو معاشي بحران ۽ بيوروڪريسي کي مليل سهوليتون

طفيل مگسي

اسان جو ملڪ خداداد پاڪستان بدقسمتي سان شديد بحران جو شڪار آهي. جنهن جو نا اهل عوام مهانگائي جي مائونٽ ايوريسٽ جي چوٽي هيٺ تڙپي، سڏڪي ۽ سڪي رهيو آهي. هر مهيني ڪنهن منحوس شيءِ جيان بجلي، گئس، پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌاري پٺيان واڌارو ٿي رهيو آهي.. جيڪي حقيقتون سچ پڇيو ته عوام کي پنهنجي رياست کان پري ڪري رهيون آهن. ته وري ملڪ ۾ ڊالرز صاحب جي به بي انتها کوٽ آهي. يعني ملڪ بحران کان نڪتوئي ناهي ته ملڪ جي ئي ريٽائرڊ آفيسر صاحبان (جيڪي اڳ ئي ڊيوٽي جي دوران ملڪ جو پيڙو پوڙي چڪا هئا) کي جيڪي ملڪ ۾ به نه بلڪ غير ملڪن ۾ رهائش اختيار ڪيون پيا آهن انهن کي ڊالرز ۽ يورو ۾ پينشن ڏني وڃي ٿي. پرڏيهي وزارت جي مطابق اهڙن پينشنرز جو انگ 164 آهي .جن کي غيرملڪي ڪرنسيءَ ۾ هر مهيني پينشن ادا ڪئي وڃي ٿي. جنهن جي ماليت 200ملين روپين جي لڳ ڀڳ آهي.

ليڪن اهي حقيقتون ڪڏهن به عوام جي اڳيان آشڪار نه ڪيون ويون. مگر آئين ۾ ترميم. ڪئي وئي ته شق(19_A)جي تحت عوام کي انهن حقيقتن جي پروڙ پئجي وئي. سول سوسائٽي جي عملي ميمبرن جي ڪوشش سان وفاق ۽ چئني صوبن ۾ اطلاعات جي حاصلات جا جامع قانون نافذ آهن ۽ وفاق ۾ عوام جي ان حق کي جانچڻ جي لاءِ ڪميشن قائم ڪئي آهي. سول سوسائٽي جي هڪ ميمبر درخواست ڪئي هئي ته انهن ريٽائرڊ آفيسرن جا نالا ٻڌايا وڃن يا ڪين کي عوام جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. جيڪي ٻاهرين ملڪن ۾ رهائش پذير آهن ۽ انهن کي سندن پسند جي غيرملڪي ڪرنسي ۾ رقم ادا ڪئي وڃي ٿي. مگر هن کي اها معلومات ميسر نه ڪئي وئي. هن پرڏيهي وزارت کان پڇيو. مگر اتي به ڪجھ نه ٿيو ڪنهن ڏاهي شخص جي مشوري تي هن اها اڪائونٽس جنرل کي درخواست ڪئي پر اتي به ڪڙ تيل نه نڪتو تڏهن اسلام آباد جي هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي. هاءِ ڪورٽ ان اهم. مسئلي تي ڌيان ڏنو ۽ پرڏيهي وزارت کي سموري معلومات ميسر ڪرڻي پئي. پرڏيهي وزارت جي تصديق ٿيل اطلاعن جي مطابق ريٽائرڊ سول ۽ فوجي آفيسرن ۾ جيڪي مرضي سان ٻاهرين ملڪن ۾ ترسيل آهن ۽ انهن کي 200ملين روپين جي رقم ميسر ڪئي وڃي ٿي. ميمبرن جو چوڻ آهي ته غيرملڪي پئسي جو زيان آئين جي آرٽيڪل 25جي خلاف ورزي آهي. آئين جو آرٽيڪل 25رياست کي سمورين شهرين سان هڪ جهڙي سلوڪ جو پابند ڪري ٿو. گذريل مالي سال کان سموريون وفاقي وزارتون ۽ صوبائي حڪومتون شديد بحران جون شڪار آهن.. هر مهيني جي پهرين تاريخ تي پگهارون ادا ناهن ڪري رهيون. ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪيترن ئي مهينن تائين پگهارون نٿيون ملن. سفارت خانن ۾ ٻين خرچن جي لاءِ بجيٽ موجود ناهي. صرف پرڏيهي وزارت ئي نه بلڪ وفاقي وزارتن ۾ به صورتحال ڏاڍي خراب آهي. اسلام آباد جي 5سرڪاري اسپتالن ۾ ۽ لاهور جي شيخ زيد اسپتال کي هلائڻ جي لاءِ بلين روپين جي گرانٽ ڏيڻ جي لاءِ رقم موجود ناهي. ملڪ جي سڀ کان وڏي اخبار ڊان ۾ ڇپجڻ واري رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته انهن اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻيئي عملي کي ڪيترن ئي مهينن کان پگهار ناهي ملي. جڏهن ته ٻين شعبن کي في الحال بند ڪيو ويو آهي. اسلام آباد جي سرڪاري ملازمن ۽ شهرين جي لاءِ وفاق جون پنج اسپتالون علاج جون سهوليتون ميسر ڪن ٿيون. وفاقي تعليمي نگراني جو ڪم. ڪرڻ وارن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پگهارون وقت تي ادا ڪرڻ هڪ اهم مسئلو بڻجي ويو آهي. حڪومت اعلي تعليم جي اداري هائر ايجوڪيشن ڪميشن ايچ ئي سي جي گرانٽ گهٽ ڪري ڇڏي. ايچ اي .سي پبلڪ سيڪٽر يونيورسٽي جي گرانٽ ۾َ وڌيڪ ڪٽ ڪري ڇڏي. ائين نه صرف وفاق جون اڪثر يونيورسٽيون بلڪ صوبائي يونيورسٽين جي گرانٽ ۾ به گهٽتائي ڪئي وئي آهي. عمارتن جي مرمت. عمارتن جي تعمير ۽ ريسرچ جي لاءِ رقم موجود ناهي ۽ ريٽائرڊ ملازمن جي پينشن ۽ گريجوئيٽي ڏيڻ جي پوزيشن ۾ ناهي. خيبر پختونخواه جي يونيورسٽين جا استاد پگهارن جي لاءِ رستن تي مظاهرا ڪرڻ تي مجبور آهن ۽ اهائي ساڳئي صورتحال بلوچستان ۽ سنڌ جي يونيورسٽين ۾ آهي. خيبرپختونخواه جي حڪومت جو مالياتي بحران ايترو وڌي ويو آهي ته حڪومت پگهارن ۽ پينشن ۾ ڪٽوتي تي ويچاري رهي آهي.

غيرملڪي ڏيتي ليتي يعني برآمدات ۽ درآمدات جو شڪار ٿيا آهن. جنهن جو بحران ئي دوائن جي کوٽ جو سبب آهي. چيو وڃي ٿو ته مارڪيٽ ۾ زندگي بچائڻ واريون دوائون موجود ئي ناهن ۽ جيڪي دوائون موجود آهن انهن جي قيمتن ۾ ٻيڻ ٽيڻ تي واڌارو ٿي چڪو آهي. هڪ ڪيمسٽ جو چوڻ آهي ته جڏهن ڪراچي ۾ ئي انسولين موجود ناهي ته باقي شهرن ۾ صورتحال ڪهڙي هوندي رت ٽيسٽ ڪرڻ وارين ليبارٽرين جا آفيسر چون ٿا ته ڏکين ٽيسٽن ۾َ استعمال ٿيڻ واري ڪٽ ايتري مهانگي ٿي وئي آهي ته هرٽيسٽ جي شرح وڌي وئي آهي. صورتحال ڊائلائيسز ۾ استعمال ٿيڻ واري ڪيميڪل جي آهي. اها بدحالي ته هڪ پاسي ٻيئي پاسي صرف امداد ڏيڻ وارن مالياتي ادارن جي رويي ۾َ سختي جو هڪ سبب رياستي وسرڪاري اداري جي آفيسرن جون عياشيون آهن. عالمي مالياتي ادارن .عالمي بينڪ ۽ آئي ايم ايف جي آفيسرن جو ڪافي عرصي کان اهو چوڻ آهي ته رياستي انفرا اسٽيڪچر گهٽ ڪيو وڃي. رياستي ٽيڪس امير ۽ بالادست طبقن تي هنيا وڃن. غريبن کي هر ممڪن رعائيت ڏني وڃي. پاڪستان جي معاشي صورتحال ايتري خراب آهي ته آئي ايم ايف پاڪستان جي دوست ملڪن کان پاڪستان جي لاءِ گارنٽي گهري آهي. آئي ايم ايف پاڪستان سان اهڙو سلوڪ ڪري رهيو آهي. جنهن تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي. مگر بقول معاشيات جي ماهر جي آئي ايم ايف جي رويي جي مذمت ڪرڻ کان وڌيڪ رياستي پاليسين تي نظروجهڻ ضروري آهي. انهيءَ قسم جي حقيقتن کان ظاهر ٿيئي ٿو ته رياستي ادارن جي بنيادي اوليت معاشي بحران جو خاتمو ناهي. انهن ناجائز سهوليتن جو تعلق هڪ اهڙي ملڪ سان آهي. جنهن کي غيرملڪي ناڻي جي لاءِ پنهنجي ادارن جو وقار داءِ تي هڻڻو پئجي رهيو آهي ۽ رياست جي خودمختياري تي ناه ڪرڻو پوي ٿو. اتي اميرن کي خاص ادائيگي سمورن داوئن جي نفي ڪري ٿي :::

ڪُوئڻُ قَرِيبَنَ جو، عِيَنُ تَڙُڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽِي ڳالهڙِي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ؛
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، چِنَنُ ڳَنڍِڻُ اُنِ جو.

ڇا پلينگ فيلڊ ۾ اسپاٽ فڪسنگ ٿئي پئي ؟

تحرير: حاڪم نصيراڻي

ڪجهه ڏينهن کان وٺي وري سوال اڀرائي پيو آهي ته 8 فيبروري تي چونڊون ٿينديون يا نه ؟ ڪجهه ڌريون سمجهن ٿيون ته 8 فيبروري تي چونڊون نه ٿينديون ڇو ته ملڪي معيشت ۾ اهو دم ناهي جو چونڊن جو بار کڻي سگهي ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته افغانين جي واپسي کان پوءِ پاڪستان ۽ افغانستان جا ويڇا وڌندا پيا وڃن ان ڪري ممڪن آهي ته سرحدن تي جنگ نه ڇڙي وڃي جنگ جي صورت ۾ چونڊون ڪٿي ٿينديون؟ چونڊن جي ٿيڻ وارن ماڻهن جو اهو خيال آهي ته سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس فائز عيسي جي ويهڻ کان پوءِ حڪومت توڙي اليڪشن ڪميشن ۾ ايتري همت ناهي جو اها چونڊن کان ڪن لاڙ ڪري بهرحال چونڊون وقت تي ٿيڻ ملڪ لاءِ بهتر آهي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو پنهنجي هر خطاب ۾ ليول پلينگ فيلڊ جي ڳالهه ڪري اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو ته چونڊن کان اڳ نواز ليگ لاءِ ماحول سازگار ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي ڪيس اهو به ڊپ آهي ته ڪٿي طاقتور ڌريون سندس پارٽي سان به هٿ نه ڪن پيون ڪن؟

ملڪي تاريخ ۾ چونڊن کان اڳ اهو پڙاڏو اڪثر ٻڌو ويندو آهي جنهن ۾ ڌريون پاڻ سان ٿيندڙ امڪاني ناانصافي جو راڳ ڳائڻ شروع ڪندا آهن هر طرف کان هر اليڪشن کي ڌانڌلي زده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي هارائڻ وارا هميشه اهو سور پٽيندا آهن ته اسان سان ڌانڌلي ٿي آهي

هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته آخرائين ڇو پيو ٿئي ؟ ڇا اسان مان اخلاقي جرئت ختم ٿي وئي آهي يا واقعي اليڪشن جو پولنگ رجحان پنهنجي پسند جا نتيجا وصول ڪيا ويندا آهن؟ بهرحال چوڻ وارا چوڻ کان سواءِ رهي ناهن سگهندا ليول پلينگ فيلڊ جو هوڪو لڳندو پيو اچي هاڻوڪي عدالتي فيصلن کان پوءِ ليول پلينگ فيلڊ نه ملڻ جي شڪايت جو زور وڌيڪ ٻڌڻ ۾ ايندو ڀل عدالت جو فيصلو ميرٽ تي هجي پر پوءِ به ايون فيلڊ جي فيصلي کي ڪٿي نه ڪٿي پلينگ فيلڊ سان ضرور ڳنڍيو ويندو ڇو ته ماضي ۾ هميشه ڪنهن نه ڪنهن ڌر کي فائدو ڏنو ويو آهي ماضي جا ڪيترائي فيصلا اسان جي عدالتي نظام جي شفافيت ۽ انصاف جي گهرجن تي پورو نه لهڻ جي ڪري مشهور آهي

سياسي بساط تي مهرن کي پنهنجي اصل گهرن ۾ رکڻ جي شروعات ٿي چڪي آهي شاطر وڇايل بساط تي پنهنجون چالون 2017 واري پوزيشن کان هڪ دفعو ٻيهر هلڻ لڳندا 2018 ۾ نواز شريف کي احتساب عدالت ڏهه سال سزا ۽ سڄي عمر لاءِ نااهل قرار ڏيڻ جو اهڙو فيصلو ڏنو جيڪو نواز شريف جي بساط تي وڄ جيان ڪڙڪي پيو پر حالتون سازگار نه هجڻ باوجود به 2018 ۾ احتساب عدالت جي فيصلي خلاف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي وئي پر ان وقت عدالتي فيصلن آڏو نواز شريف جي بيماري مضبوط ديوار بڻجي بيٺي جنهن نواز شريف کي جيل مان سڌو لنڊن پنهنجي گهر موڪلي ڇڏيو پنجن سالن ۾ نواز شريف جو ڪهڙو علاج ٿيو اهو بحث ناهي پر نواز شريف جي واپسي ۽ حفاظتي ضمانت کان وٺي ايون فيلڊ ڪيس مان بريت فليگ شپ ريفرنس جو واپس ٿيڻ قابل بحث ضرور آهي.

نواز شريف ۽ نواز ليگ لاءِ اسلام آباد جو فيصلو بهترين آهي پر مان ڏسان پيو ته اهو فيصلو نواز شريف جي سياست لاءِ سندس مخالفن لاءِ تنقيد جو هڪ وڏو وسيلو آهي سندس سياسي مخالف ان عدالتي فيصلي تي خوب تقريرون ڪندا جيئن ته ڳالهه هن وقت ليول پلينگ فيلڊ جي هلي پئي نواز شريف جي بريت جو فيصلو ڀل ميرٽ تي ٿيو آهي پر هن وقت ان فيصلي کي ليول پلينگ فيلڊ جي اک سان ڏٺو ويندو هن فيصلي بي بي جي خدشن کي ڪنهن حد تائين درست قرار ڏنو آهي ته سياسي پچ صرف هڪ پارٽي لاءِ سازگار ڇو ناهي پئي وڃي

پاناما ليڪ ۾ جنهن انداز سان نواز شريف کي سزا ڏني وئي اها سزا گهٽڻ جي سمجهه کان ٻاهر هئي پر جيئن ته راند لاءِ پچ تيار ڪئي وئي هئي ان لاءِ ٽيمپرنگ ضروري هئي سو بهترين موقعو پٽ کان پگهار نه وٺڻ وارو مليو هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ان وقت جي جي آءِ ٽي ۾ قابل ماڻهن کي شامل ڪري تحقيق ڪئي وئي ملڪي وسيلا ۽ ناڻو استعمال ڪري نواز شريف کي سزا ڏياري وئي ۽ هاڻي وري ساڳي سزا يافته ماڻهو کي باعزت بري ڪيو ويو ڇا اهو ملڪ ۽ قوم سان مذاق ناهي؟ آخرڪيستائين ملڪ ۽ قوم سان اهڙا الڪاءُ ڪيا ويندا؟ هميشه ٽيمپرنگ ڇو ڪئي ويندي آهي ؟ هميشه سياسي راند ۾ پنهنجي من پسند رانديگرن کي ڇو کيڏايو ويندو آهي؟ ڪيستائين امپائر جي آڱر کڄڻ جو سهارو ورتو ويندو؟ آخرائين ڇو؟

جيئن ته ڳالهه هن وقت ليول پلينگ فيلڊ جي هلي پئي نواز شريف جي بريت جو فيصلو ڀل ميرٽ تي ٿيو آهي پر هن وقت ان فيصلي کي ليول پلينگ فيلڊ جي اک سان ڏٺو ويندو هن فيصلي بي بي جي خدشن کي ڪنهن حد تائين درست قرار ڏنو آهي ته سياسي پچ صرف هڪ پارٽي لاءِ سازگار ڇو ناهي پئي وڃي

بقايا ❊❊❊ 01

اڪبر ۽ لاڳاپيل سيڪريٽري شرڪت ڪئي. پولنگ اسٽيشنز لاءِ اسڪول: اسڪول ايجوڪيشن کاتي ڪابينا کي آگاهي ڏني ته لاڳاپيل ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشن طور استعمال ٿيندڙ اسڪولن ۾ سهولتن جي کوٽ آهي. ڪميٽي 9901 اهڙن اسڪولن جي نشاندهي ڪئي جن جي مرمت ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ ڪراچي ۾ 1015، حيدرآباد ۾ 4520 ۽ سکر ۾ 4366 اسڪول شامل آهن. تجويز ڪيل بجيٽ ۾ 9901 اسڪولن جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ 3.3 ارب رپيا رکيا ويا آهن. ڪابينا تجويز جي منظوري ڏئي ڇڏي. اي ايس آءِ جي اهليت ۽ ڀرتي: گهرو کاتي ڪابينا کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پوليس کاتي اي ايس آءِ جي 1046 پوسٽن تي عام ڀرتي لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي درخواست موڪلي آهي. صوبائي ڪابينا 2001_05_29 تي ٿيل پنهنجي اجلاس ۾ اي ايس آءِ جي پوسٽ تي ڀرتي لاءِ بنيادي تعليمي قابليت انٽرميڊيٽ کي قرار ڏنو هو ۽ ان وقت کان وٺي اي ايس آءِ جي پوسٽ تي ڀرتيون انٽرميڊيٽ جي بنياد تي ڪيون پيون وڃن. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ پوليس (شهيد، فوتي، مستقل غير فعال يا نااهل ڪوٽا) ريڪروٽمينٽ رولز 2021 تحت اي ايس آءِ جي پوسٽ لاءِ گهربل قابليت گريجوئيشن آهي جڏهن ته 29 مئي 2001ع واري ڪابينا جي فيصلي موجب گهربل اهليت سيڪنڊ ڪلاس انٽرميڊيٽ آهي. ڪابينا ASIsجي گريجوئيشن لاءِ اهليت جو معيار مقرر ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي ڀرتي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ڪئي ويندي. پاڪستان رينجرز: گهرو کاتي ڪابينا کي ٻڌايو ته پاڪستان رينجرز پنهنجي هنگامي شعبي جنهن ۾ واٽر ڪينن، ڪوئڪ ريسپانس فورس گاڏين ۽ قابل اعتماد مواصلاتي آلات کي اپ گريڊ ڪرڻ لاءِ 3.57 ملين رپين جي درخواست ڪئي آهي. ڪابينا ان معاملي تي غور ڪيو ۽ صوبي ۾ رينجرز جي آپريشنل صلاحيت کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ لاءِ فنڊن جي منظوري ڏني. فرنٽيئر ڪانسٽيبلري: ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته وفاقي حڪومت 2005ع کان 2008ع تائين سنڌ ۾ امن امان جي بحالي ۾ سول انتظاميا جي مدد لاءِ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري مقرري جون ذميواريون ادا ڪيون آهن. وفاقي حڪومت پاران دعويٰ ڪيل رقم ۾ 149563697 رپيا پگهارون ۽ الائونسز 77340849 رپيا ۽ انٽرنل ڊيوٽي 77340849 رپيا شامل آهن جيڪا ٽوٽل رقم 226.902 ملين رپيا آهي. ڪابينا وفاقي رقم جي ادائيگي لاءِ رقم جي منظوري ڏئي ڇڏي. گورانو پروجيڪٽ جي متاثرين کي معاوضو: توانائي کاتي ڪابينا کي ٻڌايو ته ٿر ڪول بلاڪ ٽو جي ترقي سان 757 خاندان متاثر ٿيا آهن. ڪابينا 2029 ۾ گورانو منصوبي جي متاثر خاندان لاءِ 100000 رپيا ساليانو معاوضي جي منظوري ڏني. ڪابينا 757 خاندانن لاءِ ٿر فائونڊيشن کي 90 ڪروڙ رپيا جاري ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته تصديق ڪانپوءِ 757 بدران 501 خاندانن جي نشاندهي ڪئي وئي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته 21_2020ع ۾ 50.1 ملين رپيا ورهايا ويا ۽ 27.4 ملين رپيا باقي بچيا ۽ 22_2021 ۾ 50.1 ملين رپيا جاري/ورهايا ويا جڏهن ته 32.883 ملين رپيا پٺتي بچيا جنهن ۾ بئنڪ جو منافعو 5.483 ملين رپيا شامل آهي. تنهڪري هن سال 24_2023 ۾ 51.159 رپيا متاثر خاندانن ۾ ورهائڻا آهن جڏهن ته 32.883 ملين رپيا موجود آهن باقي 18.216 ملين رپيا گهٽجن ٿا. ڪابينا گورانو پروجيڪٽ جي متاثرن کي معاوضي لاءِ بجيٽ کان ٻاهر 18.216 ملين رپيا (ڪوٽ) جي منظوري ڏني. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته 24_2023ع دوران معاوضي جي ادائيگي لاءِ 18.216 ملين رپيا گهربل هئا. ايل ڊي اي: نگران ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته لاڙڪاڻي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ايل ڊي اي) کي آڪٽوبر 2023 ۾ ختم ڪيو ويو. ڪابينا فيصلو ڪيو ته ناڪاره ايل ڊي ايز جي ملازمن کي مڪاني ادارن جي کاتي ۾ نااهل سرپلس پول ۾ موڪليو ويندو جيڪو ڪين مختلف ونگز ۾ جڏهن به ۽ جيڪڏهن ڪا آسامي خالي ٿيندي ته ترجيحي طور تي سندن اباڻي ضلعن ۾ ضم ڪندو. بحالي مرڪزن لاءِ زمين الاٽ ڪرڻ: سنڌ ڪابينا صحت کاتي جي درخواست تي سکر ضلعي جي ديهه ٺٽو ڪوهستان ۾ 3 ايڪڙ زمين مفت ۾ الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. صحت کاتو ان زمين تي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبليٽيشن جو سيٽلائيٽ سينٽر قائم ڪندو. بورڊ جي ٻيهر جوڙجڪ: ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي بورڊ آف گورنرز جو مدو آگسٽ 2023ع ۾ ختم ٿي چڪو آهي تنهنڪري اسڪول جي بورڊ آف گورنرز کي اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي سفارش تي بحال ڪيو ويو جنهن جو چيئرمين ڪمشنر حيدرآباد هو جڏهن ته ايڊيشنل سيڪريٽري (هر هڪ اسڪول ايجوڪيشن ۽ ڪاتي ڪاتي مان)، ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن، چيئرمين تعليمي بورڊ حيدرآباد، پرنسپال پبلڪ اسڪول آفيشل ميمبر هوندا. ۽ ٻين غير سرڪاري ميمبرن ۾ طارق شاهه جاموٽ، اعظم ڏامراهه، جسٽس (ر) همايون خان، پروفيسر فتح محمد مري ۽ رمشا ٽالپر شامل هوندا. بورڊ آف ڊائريڪٽرس (BoD): صوبائي ڪابينا ميسرز سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني جي ڊائريڪٽرن لاءِ ٻن نالن تي غور ڪيو. ڊائريڪٽر SECMC لاءِ آصف حيدر مرزا (CFA) جي نامزدگي جي منظوري ڏني وئي جڏهن ته لياقت علي جي نالي تي غور سندس بائيوڊيٽا ڪابينا ميمبرن کي فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيو ويندو. چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنيجو اڪرٿو ڊائريڪٽر هوندو ۽ بورڊ جو چيئرمين هوندو. نگران ڪابينا اينگرو پاورجن ٿر (پرائيويٽ) لميٽيڊ کي ٿرڪول بلاڪ ٽو ۾ 330 ميگاواٽ جا ٻه ڪوئلي سان هلندڙ پاور پلانٽ گرائونڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني. ضابطا(Rules): ڪابينا سنڌ شهيدن جي سڃاڻپ ۽ معاوضي رولز 2023 جي منظوري ڏئي ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 02

ڪاغذ جمع ڪرايا پيا وڃن. پارٽي جي نئين چيئرمين لاءِ بئرسٽر گوهر خان به پنهنجي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن.

بقايا ❊❊❊ 03

منهنجو اعتراض بزرگن هجڻ تي ناهي، بزرگ ئي ملڪ لاءِ نئين رخ جو تعين ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته پاڪستان جو عوام جڏهن فيصلو ڪندو آهي ته ڪا به طاقت ڪين روڪي ناهي سگهندي. وقت اچيو ويو آهي ته پاڪستان جي مستقبل جا فيصلا عوام کي ڪرڻ ڏيو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بلوچستان جي عوام کي درخواست آهي ته 8 فيبروري تي ڪيس سرپرائيز ڏئي جنهن پنهنجو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. ملڪ جي قسمت انهن ٻن شخصن جي حوالي نه ڪريو جن نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست ڪئي. اسان کي روايتي ۽ پراڻي سياسي سوچ کي ڇڏڻو پوندو، اسان نفرت، انا ۽ ورچ جي سياست کي دفن ڪري اڳتي وڌنداسين. سندس چوڻ هو ته سي پيڪ منصوبي تي آصف علي زرداري جي سوچ موجب ڪم ناهي ٿي رهيو، عوام کي معيشت، معاشرت ۽ سياست ۾ حصيدار بڻائڻو پوندو، آصف علي زرداري بلوچستان بابت جيڪو سوچيو ان تي عملدرآمد ناهي ٿي رهيو، بلوچستان جو عوام آئين وسيلن ۾ پاڻ کي ڀاڱيوار سمجهي ٿو. آئين حق ڏئي ٿو ته وسيلن تي سڀ کان پهريون حق صوبي جي عوام جو آهي. بلاول ڀٽو زرداري جو وڌيڪ چوڻ هو ته پيپلز پارٽي سدائين قربانيون ڏنيون آهن شاهنواز ڀٽو کي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو، ميرمرتضيٰ ڀٽو کي قتل ڪري الزام خاندان تي لڳائڻ سازش ڪئي وئي.

بقايا ❊❊❊ 04

وايز پاليسي جاري ڪري ڇڏي جنهن ۾ حڪومت ٻئي فيز ۾ 24 ادارن کي خانگائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ايس او ايز پاليسي ۾ چيو ويو ته ٻئي فيز ۾ پاور ڊسٽريبيوشن، پاور پروڊيوسرز ڪمپنيون، مينوفيڪچرنگ ڪمپنيون، جامشورو اور ڪمپني، نيشنل پاور پارڪس مئنيجمينٽ جي نجڪاري ٿيندي. ان ڪانسواءِ لاکڙا پاور جنريشن ڪمپني لميٽيڊ، اسٽيٽ پيٽروليم رفائننگ، فنانشل انسٽيٽيوشنز، ريئل اسٽيٽ ڊولپمينٽ اينڊ مئنيجمينٽ ڪمپنين کي به ٻئي فيز ۾ خانگائيو ويندو. ايس او ايز پاليسي مرجب سئي گيس ڪمپنيون، زرعي ترقياتي بئنڪ سميت 10 وڌيڪ ادارن کي خانگائيو ويندو. نائي واري وزارت جي ذريعن جو چوڻ هو ته نجڪاري لاءِ آءِ ايم ايف سان به مشاورت ڪئي ويندي.

بقايا ❊❊❊ 05

ڇڏيو. نيب اسلام آباد جي احتساب عدالت ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي خلاف 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ۾ ريفرنس داخل ڪيو جنهن ۾ ٻين جوابدارن کي به نامزد ڪيو ويو آهي. نيب راولپنڊي پاران داخل ڪيل ريفرنس ۾ 8 جوابدارن جا نالا شامل آهن جن ۾ عمران خان جي زال بشريٰ بيبي، فرح گوگي، اڳوڻي مشير شهزاد اڪبر، عمران خان جو ويجهو دوست ذلفي بخاري ۽ بيرسٽر ضياءالمصطفيٰ شامل آهن. نيب جي ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل مظفر عباسي جاچ آفيسر ميان عمر نديم سان گڏ ريفرنس داخل ڪرايو جنهن جي احتساب عدالت جي رجسٽرار آفيس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا ❊❊❊ 06

لاءِ ايڊوانس لون ڏنو ويندو. سول ايويئيشن اٿارٽي (سي اي اي) ملازمن ۽ آفيسرن لاءِ گاڏين جي ايڊوانس لون جي نئين پاليسي جاري ڪري ڇڏي. سي اي اي ٻڌايو ته ملازمن کي سروس گروپ موجب ڪار، موٽرسائيڪل، سائيڪل جو قرض فراهم ڪيو ويندو. سروس گروپ 1 کان 2 جي ملازم کي سائيڪل لاءِ 25 هزار رپيا بنا وياج جي قرض ڏنو ويندو. پاليسي تحت سروس گروپ 1 کان 11 جي ملازمن کي موٽرسائيڪل لاءِ ڏيڍ لک قرض ڏنو ويندو جڏهن ته ايگزيڪيٽو گروپ 1 جي ملازم کي 2 لک رپيا لون ملندو. سي اي اي جو چوڻ هو ته گروپ 5 کان 9جي آفيسرن کي 7 کان 13 لک رپيا گاڏي جو ايڊوانس لون ملندو جڏهن ته پي گروپ کي 5 کان 11 جي اسپيشل پرسن ملازمن کي 13 لک رپيا لون ڏنو ويندو. ان ڪانسواءِ ايگزيڪيٽو گروپ هڪ جي آفيسرن کي 20لک رپيا گاڏي جو لون ملندو جڏهن ته ايگزيڪيٽو گروپ 2 کان 10 وارن ملازمن کي 20 لک رپين تائين گاڏي جي خريداري جو لون ملندو. سي اي اي چيو آهي ته گاڏين لاءِ حاصل ڪئي ويندڙ ايڊوانس لون تي وياج جي شرح ساليانو 10 سيڪڙو هوندي.

بقايا ❊❊❊ 07

پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان ۽ وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي خلاف سائفر ڪيس جي ٻڌڻي فيڊرل جوڊيشل ڪامپليڪس اسلام آباد ۾ ڪئي. ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل پاران جيل ٽرائل جي فيصلي خلاف درخواست داخل ڪرائي وئي ۽ دليل ڏنا ويا. پي ٽي آءِ جي وڪيل استدعا ڪئي ته ٻڌڻي 5 ڊسمبر تي رکي وڃي جنهن تي عدالت رمارڪس ڏنا ته 5 ڊسمبر تي ٻڌڻي رکي ڇڏينداسين پر حاضري جي حوالي سان ته ٻڌڻي رکڻي ٿي آهي. عدالت سائفر ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 08

وڄ ڪرڻ جي واقعن جي وقت سر اڳڪٿي ڪندڙ موسمياتي اوزار پاڪستان کي ملي ويا آهن. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته چين 10 لک ڊالرز جا 25 موسمياتي اوزار پاڪستان کي ڏئي ڇڏيا آهن. اوزار وڄ ڪرڻ جي واقعن جي وقت سر اڳڪٿي ڪري سگهندا. موسميات کاتي ٻڌايو ته موسمياتي اوزار سڄي ملڪ ۾ لڳائي رهيا آهيون. چين کان 14 هزار ڪلوميٽر رينج وارو ريڊار به وٺي رهيا آهيون.

بقايا ❊❊❊ 09

کي پرامن ماحول فراهم ڪيو وڃي. لاڙڪاڻي ۾ جميعت علماءِ اسلام طرفان شهر جي ميونسپل اسٽيڊيم ۾ ڪرنايل اقصيٰ ۽ شهيد اسلام ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن ۽ ادارن کي سوچڻو پوندو جيڪي هن وقت به چون پيا ته اسان دهشتگردي جي خلاف جنگ وڙهي رهيا آهيون ڇا هو اسان کي ٻڌائي سگهن ٿا ته ملڪ ۾ واقعي آهي ۽ ڇا اسان دهشتگردي تي ڪنٽرول حاصل ڪيو آهي؟ اسان کي ادارا پيغام پهچائن پيا ته توهان چونڊ مهم لاءِ نه نڪرندئو جيڪڏهن اسان عوام وٽ نه وينداسين ۽ نه ئي منشور پيش ڪري فرياد نه ٻڌنداسين ته پوءِ 5 سالن جي لاءِ ڪهڙا واعدا ڪري انهن جي اميدن تي پورو لهنداسين. اسان کي چونڊون ۽ پرامن ماحول گهرجي. هن چيو ته اهي چون ٿا ته چونڊن لاءِ ماحول بلڪل ٺيڪ آهي پر ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جي صورتحال ان کان مختلف آهي ته پوءِ پاڪستان کي جيڪڏهن پرامن رياست نه بڻايو ويندو ته پوءِ هڪ خوشحال معيشت جي توقع به نه رکڻ گهرجي. جي يو آءِ ملڪ کي امن ۽ خوشحال معيشت ڏيڻو آهي جيڪي مملڪتي زندگي لاءِ قرآن جو تقاضا آهن. انشاءَ الله هي اسان هي مقصد الله جي مدد سان حاصل ڪري رهنداسين. توهان کي سنڌ ۽ ملڪ جي سياست کي بدلائي نئين جوش جذبي ۽ زاويي سان ان کي تراشڻو آهي. هن چيو ته اسان جمهوري ماڻهو آهيون، آئين ۽ قانون جي دائري ۾ رهي دليل جي بنياد تي پنهنجو موقف پيش ڪندا آهيون. جنهن ملڪ ۾ امن امان نه هجي، مان اڄ به چوڻ چاهيان ٿو ته اسان چونڊون وڙهڻ چاهيون ٿا. اسان 2018 جي چونڊن خلاف ان ڪري آواز بلند ڪيو ته جيئن ٻيهر چونڊون ڪرائجن جيڪو سڀ کان پهريان اسان جو ئي مطالبو هو پران لاءِ چونڊن جو پرامن ماحول ته ڏيو جنهن ۾ ماڻهو گهرن مان نڪري ووٽ وجهڻ وڃي حفاظت سان گهر واپس وڃي سگهن. ٻاڪسن کي ماڻهن کي پرتو آهي. اهو ماحول ته ڏيو جو ڪو اميدوار آزاديءَ سان چونڊ مهم هلائي جيڪڏهن مان اهڙي ڳالهه ڪندو آهيان ته چوندا ته هي چونڊون ملتوي ڪرائڻ چاهي ٿو. هن چيو ته هن اجتماع سان نه صرف سنڌ صوبي جي سياست ۾ تبديلي نه پر پاڪستان جي به سياست ۾ تبديلي ايندي. مان سنڌ ۽ پاڪستان جي جوانن کي چوڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان کي 75 سال گذري چڪا ۽ 75 سالن جو تجربو معمولي ناهي. اسان کي تسليم ڪرڻو پوندو ته اسان 75 سال ملڪ ۾ غلط قيادت کي چونڊيو ۽ نئين زاوي سان ملڪ جي نئين مستقبل کي سنواري تراشڻو پوندو. هن چيو ته اسان جي اجوڪي هن ڪانفرنس ۾ اسان صرف پنهنجي شهيد ڀاءُ کي خراج عقيدت پيش نه پيا ڪيون ۽ صرف ان جي قرباني ۽ رت سان وفاداري جو اظهار نه پيا ڪيون جتي اسان ان جي مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ عهد ڪري رهيا آهيون انتي اسان اڄ پاڪستان جي سرزمين تي اهڙن اجتماعن جي ذريعي فلسطين ۽ غزا جي مجاهدن ۽ غازين کي به پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته هن محاذ ۾ پاڪستان جو هر ٻچو ٻچو، شهري، ماڻرون ۽ پيرون توهان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي بيٺا آهن ۽ ڪڏهن به توهان کي اڪيلو ٿيڻ محسوس ڪرڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته اڄڪلهه هر طرف فلسطين جي تائيد ۽ اسرائيل جي خلاف مطالبا ڪيا ٿا وڃن ته اسرائيلي پراڊڪٽس جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي توهان اڄ بائيڪاٽ ٿا ڪيو اسان ته 15 سالن کان بائيڪاٽ ڪيو آهي. اسان الله جي مدد سان صبر سان ڪم ورتي جن حالتن مان گذرياسين ۽ جنگ وڙهي اڄ ان کي مڪافات عمل جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ انشاءَ الله هي فتنو ٻيهر ڪنڌ ڪڍي نه سگهندو مان عالمي قوتن ۽ پاڪستان جي اڃي توڙي ڪاري جي سالڪن کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته ملڪ توهان جو نه پر هي ملڪ پاڪستان جي عوام ۽ ان جي حقدارن جو آهي. اسان ڪڏهن ۽ ڪنهن به قيمت تي هن فتني کي پاڪستاني قوم متان مسلط ٿيڻ نه ڏينداسين اسان جي جنگ جاري آهي ۽ اها جنگ فتني جي خاتمي تائين جاري رهندي. هن چيو ته جڏهن مشرف نيب ادارو ناهيو ته اسان پهريون ڀيرو ان وقت چيو ته هي احتساب جو نه پر سياسي انتقام جو ادارو آهي پران اداري کي ناهيو ويو ۽ جڏهن 18 هين ترميم ٿي رهي هئي ته مان پارليامينٽ جي ڪاميٽي ۾ چيو ته هن نيب جو خاتمو ڪيو هي آمريت جي علامت آهي ۽ مسلسل اسان جو اهو ئي موقف رهيو. خبرناهي ته اسان جا دوست ڪهڙي مصلحت جا شڪار هئا جو هنن هن اداري کي برقرار رکيو. ڪالهه هاءِ ڪورٽ ۾ باقاعده طور تي نيب چيو ته ميان نواز شريف جي خلاف فلاڻو ڪيس سپريم ڪورٽ جي چوڻ تي داخل ڪيو اسان وٽ ثبوت لاءِ ڪجهه به ناهي. نيب جي اداري پاڻ چيو ته ڪين سپريم ڪورٽ جي هڪ جج چيو ته توهان ان جي خلاف ڪيس داخل ڪيو ۽ ناهير جيڪڏهن هڪ عدالت جي آڏو ان اداري اعتراف ڪيو آهي ته هن ڪنهن جي اشاري ڪنهن جي خلاف ڪيس ناهي داخل ڪندا هئا ڇا اڄ ان اداري جي حقيقت يا اصل چهرو بي نقاب نه ٿيو؟ ڇا هاڻي به نيب هئڻ گهرجي ۽ ڇا اسان نيب جهڙي اداري مٿان اعتبار ڪنداسين؟ اسان بروقت چيو هو ته پاڪستان ۾ هڪ يهودي ايجنٽ کي آڻي يهودي لابي کي تقويت ڏني پئي وڃي ۽ ان کي پاڪستان جي اهڙي هنڌ ڪئي ويندو جو چوندا ته پاڪستان اسرائيل کي تسليم ڪيو ته پوءِ فلسطين جي سرزمين ڪئي ويندي جيڪا عرب سرزمين ۽ جزيره عرب جو حصو آهي. هن چيو ته مان اسلامي ۽ عرب دنيا جي حڪمرانن کي مخاطب ٿي چوڻ چاهيان ٿو ته اڄ فلسطين ۽ غزا جي يتيم ٻارن، ٻارڙين، بيواهن، پاڻرن، ڀينرن ۽ هٿئين خالي نوجوانن جو رت توهان کي سڏ ڪري رهيو آهي ته توهان اسان ۽ بيت المقدس کي ڇڏي توهان ڪهڙي تمونو اسرائيل کي تسليم ٿا ڪيو ان رت پيغام ڏنو آهي جو ڪو به مائي جو لال اسرائيل کي تسليم ڪرڻ جي جرئت به نه ٿو ڪري سگهي.

بقايا ❊❊❊ 10

جي هدايت تحت صوبي ۾ امڪاني طور ڪانگو وائرس جي حملي کان جانورن کي بچائڻ بابت جاري مهم جي سلسلي ۾ مال پڙي ڪنب، ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ٽيڪا هنيا ويا ۽ اسپري ڪرايو ويو ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر اسد الله وسان، ڊاڪٽر اورنگزيب بروهي، ڊاڪٽر آذار سولنگي پنهنجي نگراني ۾ ڪانگو وائرس جي امڪاني حملي کان بچاءُ بابت اسپري ڪرايو جڏهن ته مالوندن کي آگاهي ڏيندي چيو ته سمورا مالوند جانورن کي مختلف بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ احتياطي تدبيرن تي سختي سان عملدرآمد ڪن ۽ اسپري ڪرائڻ ۾ سهڪار ڪن. ان موقعي تي مالوندن کي لائيو اسٽاڪ کاتي پاران دوائون پڻ فراهم ڪيون ويون.

بقايا ❊❊❊ 11

جي وصولي شروع ڪئي وئي آهي درخواستون سيٽي برانچز تي 12 ڊسمبر 2023ع تائين وصول ڪيون وينديون. 38 کان 42 ڏينهن جي حج لاءِ ڪراچي جي ڏکڻ ريجن، ڪوئيٽا ۽ سکر ۾ 1.065.000 رپيا في ماڻهو جمع ٿيندا. اتر ريجن جي ٻين شهرن لاءِ حج جي فيس 1.075.000 في ماڻهو هوندي. اسپانسر شپ حج اسڪيم ڪراچي جي ڏکڻ ريجن، ڪوئيٽا ۽ سکر جي فيس 3.765 ڊالر اتر ريجن ۽ ٻين شهرن لاءِ فيس 3.800 في ماڻهو مقرر ڪئي وئي آهي. 20 کان 25 ڏينهن واري حج پيڪيج ۾ 3کان 4 ڏينهن تائين مديني ۾ رهائش آهي. ڪراچي جي ريگولر ڏکڻ ريجن، ڪوئيٽا، سکر لاءِ حج جي فيس 1.140.000 روپيا في ماڻهو ۽ اتر ريجن جي ٻين شهرن لاءِ 1.150.000 في ماڻهو آهي. اسپانسر شپ حج اسڪيم ڏکڻ ريجن ڪراچي، ڪوئيٽا، سکر لاءِ حج جي فيس 4.015 في ماڻهو ۽ اتر ريجن جي ٻين شهرن لاءِ 4.050 ڊالر في ماڻهو فيس مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 12

تائين هوندا جڏهن ته صوبائي اسيمبلين جي جنرل سيٽن جو انگ 593 هوندو اليڪشن ڪميشن موجب قومي اسيمبلي ۾ عورتن جون 60 ۽ اقليتن جون 10 مخصوص سيٽون هونديون جڏهن ته 266 جنرل سيٽن سان گڏ قومي اسيمبلي جو ايوان 336 ميمبرن تي ٻڌل هوندو. عورتن جون 60 مخصوص سيٽن مان پنجاب ۾ عورتن لاءِ 32، سنڌ ۾ 14، خيبرپختونخواهه ۾ 10 ۽ بلوچستان ۾ 4 سيٽون مخصوص هونديون. اهڙيءَ طرح گذريل قومي اسيمبلي جي ميمبرن جو انگ 342 مان 6 سيٽون گهٽجي 336 ٿي ويندو. پنجاب ۾ جنرل اسيمبلي جون 7 سيٽون گهٽيون جڏهن ته بلوچستان مان 2 ۽ وفاق ۾ هڪ سيٽ جو اضافو ٿيو اليڪشن ڪميشن سنڌ جون سيٽون برقرار رکيون آهن جڏهن ته فاٽا ۽ ڪي پي گڏجڻ کان پوءِ گڏيل سيٽون 47 کان گهٽجي 45 ٿي ويون. واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ 8 فيبروري 2024ع تي عام چونڊن جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 13

دوران 13 ضروري شيون مهانگيون ٿيون آهن. رپورٽ موجب هاڻوڪي هفتي دوران ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح ۾ 0.23 سيڪڙو گهٽتائي ٿي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سالياني بنيادن تي مهانگائي جي شرح اڃا به 41.05 سيڪڙو آهي. گلب واري کاتي موجب هڪ هفتي دوران ملڪ ۾ 13 ضروري شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿي، 14 شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جڏهن ته 24 شين جون قيمتون مستحڪم رهيون.

بقايا ❊❊❊ 14

۾ گارڊن هيڊ ڪوارٽرز سان 2 پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ٽيپو سلطان روڊ تي ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدارن تيل سان ڀريل گاڏي کسي هئي ۽ ان واقعي ۾ ملوث ٻه پوليس ڪانسٽيبل ملوث آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته ڌاڙي جي واردات ۾ ملوث اهلڪارن جي سڃاڻپ غالب ۽ نويد جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته واردات ۾ 5 جوابدار شامل هئا. هڪ جوابدار عمران کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن پوليس اهلڪارن بابت ٻڌايو. پوليس موجب واقعي ۾ ملوث ٻنهي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا مار ڪارروايون جاري آهن.

بقايا ❊❊❊ 15

لڳايو. رٽرننگ ۽ ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر عدليا يا بيوروڪريسي مان کڻڻ بابت سوال تي چيف اليڪشن ڪمشنر مرڪندي جواب ڏنو ته نو ڪمينٽس. واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ 8 فيبروري تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 16

حڪم ڏئي ڇڏيو آهي يوم تڪريم شهداءَ جي تقريب دوران آرمي چيف ڊيرا مراد جمالي جي شهيد جوان جي نياڻيءَ سان ڪچهري ڪئي شهيد جي نياڻي آرمي چيف کي دانهن ڏيندي چيو ته جڏهن به ٻوڏ ايندي آهي ته وڏيرو ٻوڏ جو پاڻي اسان جي گهرن ڏانهن ڇڏيندو آهي.

بقايا ❊❊❊ 17

فيلڊ آهي. بابر اعوان جو اڳوڻي وزيراعظم ميان نواز شريف بابت چوڻ هو ته نواز شريف سان ڏاڍي ٿي وئي آهي. جيتري وٺيو رليف ڊيوس سميع الله واري ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ ڪيس نااهل ڪيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 18

ڪرڻ بعد نوشهرو فيروز واپس اچي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو جنهن جي نوشهرو فيروز جو پ پ تعلقه صدر خليفو شڪيل احمد ميمڻ، پ پ يوٿ ونگ جو صدر نادر چانڊيو، جوجي سومرو، گهيٽو تگڙ ۽ مظفر پتو فوت ٿي ويا. فوتين جي مڙهه اڄ نوشهروفيروز جي چلڊرين پارڪ آندا ويا جتي 4 ڄڻن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي جڏهن ته فوتي مظفر پتو جي جنازي نماز اباڻي ڳوٺ محبت ديرو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن بعد فوتين جا مڙهه آبائي اڪين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيا ويا.

بقايا ❊❊❊ 19

ٿيل ڳوٺاڻا عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران جسٽس امجد سهتو چيو ته نظام ڪيڏو خراب آهي جو 4 ماڻهو مارجي ويا ۽ هيستائين جوابدارن جا نالا به ظاهر ناهن ڪيا ويا. عدالت ايس ايس پي شهيد بينظير آباد سان مڪالمو ڪيو ته توهان ڇا ٿا چاهيو ته ڳوٺ وارن ڳوٺ وارن کي مارين، پوءِ توهان چئو ٿا ته انهن کي معاوضو ڏنو. عدالت چيو ته خبرن ۾ هليو ته دهشتگرد ماريا ويا آهن. ٻئي ڏينهن خبر پئي ته ڳوٺاڻا هئا. ماڻهن جو ڪيترو خون ضايع ڪندا توهان. اسان بيوقوف ناهيون. سڀ ڏسون ٿا ۽ سمجهون ٿا. عدالت رمارڪس ڏنا ته ڊي آءِ جي به جوابدارن جا نالا ظاهر نه پيو ڪري. عدالت پڇاڻو ڪيو ته رپورٽن ۾ اڻڄاتل ماڻهو ڇو لکيو ويو؟ عدالت چيو ته جيڪڏهن ڏوهاري ماريا ويا آهن ته توهان عوام جي ٽيڪس مان ڇو معاوضو ڏنو؟ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو ڇت تي ويهي فائرنگ ڪن ۽ پنهنجا ماڻهو مارين؟. وڪيل ذوالفقار خان جلباڻي چيو ته عدالتي انڪوائري ٿيندي ته سڀ ڪجهه سامهون ايندو. وڪيل امام حيدر رضوي چيو ته هي غريب ابوجهه ماڻهو آهن انهن کي ورغلائي ڪنهن جي به خلاف بيهاري سگهجي ٿو. عدالت پوليس جي رپورٽ تي بي اعتمادي جو اظهار ڪري ڇڏيو. جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو چيو ته ڊي آءِ جي پاڻ تفصيلي رپورٽ سان پيش ٿي وضاحت ڏئي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڊي آءِ جي شهيد بينظير کي رپورٽ سميت ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو. عدالت 14 ڊسمبر تائين ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. درخواستگذار جو چوڻ هو ته پوليس تي ڪو به ڀروسو ناهي. عدالت کي استدعا آهي ته عدالتي جاچ جو حڪم ڏنو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 20

صورتحال تي ڳالهائيندي چيو ته والاريل ڪشمير ۾ ورلڊ ڪپ دوران جشن ملهائيندڙ ڪشميري نوجوانن کي گرفتار ڪيو ويو. والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم جاري آهي. ڀارت والاريل ڪشمير ۾ رياستي دهشتگردي بند ڪري. فلسطين جي صورتحال تي پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پاڪستان بيگناهه فلسطينين تي بار بار بمباري جي شروعات تي سخت مايوس آهي. پاڪستان مستقل جنگ بندي جو مطالبو ڪري ٿو. ترجمان وڌيڪ چيو ته دنيا اسرائيل طرفان جاري جنگي ڏوهن، اسپتالن، عبادتگاهن ۽ تعليمي ادارن تي اسرائيلي طرفان حملن تي ڳالهه ٻولهه ڪري. پاڪستان به اسرائيل ۾ طبي مرڪزن تي حملن جي عالمي جاچ جو مطالبو ڪري ٿو.

بقايا ❊❊❊ 21

ذڪر ڪندي دنيا جي آڏو مستقبل جي حڪمت عملي پيش ڪري ڇڏي. گڏيل عرب امارتن ۾ موسمياتي تبديلين جي نقصانن جي ازالي لاءِ ٿيل ڪوپ 28 ڪانفرنس کي خطاب ڪندي برطانوي بادشاهه شاهه چارلس جو چوڻ هو ته موسمياتي تبديلي ايندڙ نسلن لاءِ خطرناڪ مسئلو آهي. پيرس معاهدي ۾ دنيا جي وڏي مسئلي تي غور ڪيو هن چيو ته موسمياتي تبديلين سبب پاڪستان، بنگلاديش ۽ ٻين اسرندڙ ملڪن بدترين ٻوڏ کي منهن ڏنو. پاڪستان موسمياتي تبديلين جا خطرناڪ نتيجا ڀوڳيا. ٻوڏ سبب پاڪستان کي شديد نقصان ٿيو

بقايا ❊❊❊ 22

ٻڌايو ويو آهي. نگران سرڪار جا رڳو پنهنجن گهرن جي نگراني ڪري رهي آهي؟. خالد مقبول صديقي چيو ته صوبائي اليڪشن ڪمشنر پ پ کي حلف يافته ڪارڪن نظر اچن ٿا. ايم ڪيوايم پاڪستان ترتيبندين کي عدالت ۾ چيلينج ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 23

۾ اسرائيل ۽ حماس جي وچ ۾ جنگبندي 24 نومبر تي شروع ٿي هئي، جنهن ۾ ٻه ڀيرا واڌ ڪئي وئي هئي ۽ جنگبندي جمعي جي صبح بغير ڪنهن واڌ جي ختم ٿي وئي. عرب ميڊيا موجب غزه ۾ 7 ڏينهن واري جنگ بندي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اتر غزا ۾ ڌماڪن ۽ فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن. فلسطين جي گهرو وزارت جو چوڻ آهي ته اسرائيلي جهازن غزه تي هوائي حملا شروع ڪري ڇڏيا آهن. فلسطيني ميڊيا موجب اسرائيلي فوج خان يونس جي اوڀر واري علائقي ۾ بمباري ڪئي ۽ غزه جي اولهه واري علائقي ۾ به بمباري ڪري رهي آهي. جڏهن ته اسرائيلي جاسوس جهاز غزا مٿان هيٺاهين اڏام ڪري رهيا آهن. فلسطيني ميڊيا جو چوڻ آهي ته اسرائيلي فوج اتر غزا جي علائقي جباليا ۾ هڪ گهر کي نشانو بڻايو آهي. جڏهن ته غزه جي مختلف علائقن ۾ سخت چڪتاڻ جاري آهي. اسرائيلي ميڊيا جو چوڻ آهي ته جمعي جي صبح غزه مان هڪ راڪيٽ فائر ڪيو ويو. جنهن کي اسرائيلي فوج ٽريڪ ڪري ورتو جڏهن ته راڪيٽ حملي ڪانپوءِ علائقي ۾ سائرن پڻ وڄايا ويا. اسرائيلي فوج جمعي تي هڪ بيان ۾ چيو ته هن غزه جي پٽي ۾ حماس خلاف فوجي ڪارروائي ٻيهر شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته اسرائيل مزاحمتي گروپ تي به الزام هنيو آهي ته هو معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي اسرائيلي علائقي ۾ فائرنگ ڪري رهيا آهن.

بقايا ❊❊❊ 24

مختار راجا جلد ويجهو ريٽائر ٿيڻ واري سب انسپيڪٽر اسلم ختڪ کي اڳلي عهدي تي ترقي جا رينڪ لڳايا ۽ گلن جا دستا پيش ڪيا. آئي جي سنڌ پنهنجي ۽ سنڌ پوليس پاران انسپيڪٽر اسلم ختڪ کي اڳلي عهدي تي ترقي ملڻ تي مبارڪباد ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا ❊❊❊ 25

صحت جي عالمي اداري (ڊبليو ايچ او) پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي. عالمي اداري موجب 2022ع ۾ سڄي دنيا ۾ مليريا جا 24 ڪروڙ 90 لک ڪيس رپورٽ ٿيا جڏهن ته 2021ع ۾ اهو انگ 24 ڪروڙ 40 لک هو. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته مليريا جا 94 سيڪڙو ڪيس (23 ڪروڙ 30 لک) آفريڪا ۾ سامهون آيا جڏهن ته پاڪستان اهڙن ملڪن ۾ شامل آهي جتي اها بيماري گهڻي تيزي سان پکڙجي رهي آهي. ڊبليو ايچ او پاران موسمياتي تبديلين جي روڪٿام لاءِ قدم کڻڻ تي زور ڏنو ويو ته جيئن مڇرن سبب پکڙجندڙ ان بيماري جا ڪيس گهٽجي سگهن. صحت جي عالمي اداري چيو ته ٻوڏ ۽ گرمي پد ۾ واڌ سان مڇرن جي وڌي رهيا آهن جنهن جو نتيجو مليريا جي ڪيسن ۾ واڌ جي شڪل ۾ نڪري رهيو آهي. رپورٽ موجب گرمي پد، گهم ۽ برسات ۾ آيل تباهين سان مليريا پکيڙيندڙ مڇرن کي پکڙجڻ جو موقعو مليو آهي. رپورٽ ۾ تنبيهه ڪئي وئي آهي ته موسمياتي رجحان جهڙوڪ ٻوڏ ۽ هيٽ ويوز سان بيماري جي پکڙجڻ تي سڌي ريت اثر پئجي رهيا آهن.

بقايا ❊❊❊ 26

فيصل آباد ۾ ڊجڪوٽ جي ڀرپاسي واري علائقي مان زال مڙس ۽ ٽن ٻارڙن جا لاش مليا. پوليس جو چوڻ آهي ته گهريلو حالتن ۽ قرض کان پريشان شخص طاهر زال ۽ ٻارڙن کي ننڊ جون ٽڪيون کارائي بيهوش ڪرڻ بعد جوابدار هٿوڙا هڻي ڪين قتل ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ هن پاڻ به زهريلي دوا کائي زندگي جو انت آندو. پوليس موجب ٻارڙن جي عمر 11،16 ۽ 18 سالن جي ويجهو آهن جن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. پوليس جو چوڻ هو ته جوابدار لکت ڇڏي جنهن ۾ قرض ادا نه ڪري سگهڻ سبب هن پاڻ ۽ ٻارن کي موت جي ننڊ سمهارڻ جو بيان لکيو. وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 27

آهي ته ضلعي انتظاميا هڪ هفتي ۾ آلآصف اسڪوائر جي ڀرپاسي مان سموريون حدخليون ختم ڪرائي. آلآصف اسڪوائر کان ٽول پلازا تائين حدخليون هڪ مهيني ۾ ختم ڪرايون وڃن. لکت حڪم نامي ۾ وڌيڪ چيو ويو ته رينجرز ۽ پوليس حدخلين جي خاتمي ۾ انتظاميه سان مڪمل سهڪار ڪن. رينجرز ۽ پوليس انتظاميا کي گهربل نفري به فراهم ڪري. حدخليون ختم ڪري سروس روڊ، گرين بيلٽ تي فوري بيوٽيفڪيشن ڪئي وڃي. عدالتي حڪم ۾ چيو ويو ته اين ايڇ اي، ايف ڊبليو او علائقو تحويل ۾ وٺي ترقياتي ڪم ۽ بيوٽيفڪيشن ڪرائي. ڊپٽي ڪمشنر اوڀر، ڊي جي رينجرز، ايس ايس پي اولهه، ايف ڊبليو او ۽ اين ايڇ اي کي عملدرآمد رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 11 جنوري 2024ع تائين ملتوي ڪري ڇڏي. حڪم نامي ۾ ٻڌايو ويو ته ڊي سي اوڀر جو عدالت ۾ چوڻ هو ته حدخليون هٽائڻ بعد ٻيهر قبضو ٿي وڃي ٿو. سنڌ حڪومت جو چوڻ هو ته چيف سيڪريٽري عدالتي حڪمن تي عملدرآمد لاءِ ڪميٽي ٺاهي آهي. عدالت اصل ماسٽر پلان موجب سروس روڊ، گرين بيلٽ ۽ فٽ پاٿ ڪليئر ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته اهڙا قدم کنيا وڃن ته جيئن ٻيهر حدخليون قائم نه ٿين.

بقايا ❊❊❊ 28

مان 1400 رپيا ٿي وئي آهي. ڊي جي سيمينٽ 1400، ميپل 1380، بيسٽ وي 1350 رپيا في بوري جڏهن ته پائنيئرز 1350 رپيا ۽ لڪي سيمينٽ 1350 رپيا في بوري ۾ وڪرو ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. مارگلا بجر 50 رپيا وڌي 190 رپيا في فٽ. لوهه لوڪل 2 لک 45 هزار رپيا في ٽن جڏهن ته برانڊ ٿيل لوهه 2 لک 75 هزار کان 2 لک 80 رپيا في ٽن تائين وڪرو ٿي رهيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 29

مقامي ماڻهن سان ناانصافي آهي پ پ اڳواڻ موجب بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ سنڌ جي ساموڊي پٽي سميت پوري سنڌ جي ڀرپور خدمت ڪئي ويندي

بقايا ❊❊❊ 30

سرڪاري گاڏيون واپس ڪري ڇڏيون. سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار آفيس پاران ڪابينا جي سيڪريٽري ۽ چيف سيڪريٽري پنجاب کي خط لکيو ويو آهي. خط جي متن موجب چيف جسٽس جي علم ۾ آيو آهي ته سپريم ڪورٽ چيف جسٽس لاءِ سيپٽمبر 2020ع ۾ لگزري گاڏيون خريد ڪيون هيون جن جي ماليت 6 ڪروڙ 10 لک رپيا آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته چيف جسٽس لاءِ هڪ ٽئين بلٽ پروف لگزري گاڏي به پنجاب حڪومت ڏني. ٻئي گاڏيون جي او آر لاهور ۾ سپريم ڪورٽ ريسٽ هائوس ۾ بيٺل آهن. خط ۾ چيو ويو ته قاعدن موجب چيف جسٽس ۽ هر جج کي 2.2 گاڏيون ڏنيون وڃن آهن پر چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ اهي لگزري گاڏيون استعمال ناهي ڪري رهيو. آئيني ۽ عوامي عهديدارن جي استعمال ۾ قيمتي امپورٽيڊ گاڏيون قومي ناڻي تي غير مناسب بار آهن. ان ڪري چيف جسٽس هدايت ڪئي آهي ته ٻنهي گاڏين کي وڪرو ڪري رقم پبلڪ ٽرانسپورٽ تي خرچ ڪئي وڃي.

بقايا ❊❊❊ 31

پاڪستان ۾ هر مهيني ايڇ آءِ وي جا تقريبن 900 کان هڪ هزار نوان ڪيس سامهون اچي رهيا آهن جڏهن ته ان کان اڳ 2022ع ۾ به ايڇ آءِ وي جا 10 هزار کان وڌيڪ ڪيس سامهون آيا هئا. صحت واري وزارت ٻڌايو ته ايڇ آءِ وي جا سڀ کان وڌيڪ ڪيس پنجاب ۽ سنڌ ۾ سامهون اچي رهيا آهن. خيبرپختونخواهه بلوچستان مان به ايڇ آءِ وي جا ڪيسز رپورٽ ٿي رهيا آهن. وزارت جي اختيارين جو چوڻ آهي ته اسلام آباد ۽ ڀرپاسي سميت ڪشمير مان به هر مهيني تقريبن 40 کان 50 نوان ڪيس سامهون اچي رهيا آهن. ناڪافي قدمن ۽ غير محفوظ جنسي لاڳاپا ايچ آءِ وي پکيڙڻ جو سڀ کان وڏو سبب آهن. ايچ آءِ وي سڀ کان گهڻا ڪيس حادثاتي طور تي ٽيسٽنگ جي نتيجي ۾ سامهون اچي رهيا آهن جنهن لاءِ پاڪستان ۾ ايچ آءِ وي جي ٽيسٽنگ وڌائڻ جي ضرورت آهي.

بقايا ❊❊❊ 32

لاءِ ايڊوانس لون ڏنو ويندو. سول ايويئيشن اٿارٽي (سي اي اي) ملازمن ۽ آفيسرن لاءِ گاڏين جي ايڊوانس لون جي نئين پاليسي جاري ڪري ڇڏي. سي اي اي ٻڌايو ته ملازمن کي سروس گروپ موجب ڪار، موٽرسائيڪل، سائيڪل جو قرض فراهم ڪيو ويندو. سروس گروپ 1 کان 2 جي ملازم کي سائيڪل لاءِ 25 هزار رپيا بنا وياج جي قرض ڏنو ويندو. پاليسي تحت سروس گروپ 1 کان 11 جي ملازمن کي موٽرسائيڪل لاءِ ڏيڍ لک قرض ڏنو ويندو جڏهن ته ايگزيڪيٽو گروپ 1 جي ملازم کي 2 لک رپيا لون ملندو. سي اي اي جو چوڻ هو ته گروپ 5 کان 9جي آفيسرن کي 7 کان 13 لک رپيا گاڏي جو ايڊوانس لون ملندو جڏهن ته پي گروپ کي 5 کان 11 جي اسپيشل پرسن ملازمن کي 13 لک رپيا لون ڏنو ويندو. ان ڪانسواءِ ايگزيڪيٽو گروپ هڪ جي آفيسرن کي 20لک رپيا گاڏي جو لون ملندو جڏهن ته ايگزيڪيٽو گروپ 2 کان 10 وارن ملازمن کي 20 لک رپين تائين گاڏي جي خريداري جو لون ملندو. سي اي اي چيو آهي ته گاڏين لاءِ حاصل ڪئي ويندڙ ايڊوانس لون تي وياج جي شرح ساليانو 10 سيڪڙو هوندي.

بقايا ❊❊❊ 33

تائين هوندا جڏهن ته صوبائي اسيمبلين جي جنرل سيٽن جو انگ 593 هوندو اليڪشن ڪميشن موجب قومي اسيمبلي ۾ عورتن جون 60 ۽ اقليتن جون 10 مخصوص سيٽون هونديون جڏهن ته 266 جنرل سيٽن سان گڏ قومي اسيمبلي جو ايوان 336 ميمبرن تي ٻڌل هوندو. عورتن جون 60 مخصوص سيٽن مان پنجاب ۾ عورتن لاءِ 32، سنڌ ۾ 14، خيبرپختونخواهه ۾ 10 ۽ بلوچستان ۾ 4 سيٽون مخصوص هونديون. اهڙيءَ طرح گذريل قومي اسيمبلي جي ميمبرن جو انگ 342 مان 6 سيٽون گهٽجي 336 ٿي ويندو. پنجاب ۾ جنرل اسيمبلي جون 7 سيٽون گهٽيون جڏهن ته بلوچستان مان 2 ۽ وفاق ۾ هڪ سيٽ جو اضافو ٿيو اليڪشن ڪميشن سنڌ جون سيٽون برقرار رکيون آهن جڏهن ته فاٽا ۽ ڪي پي گڏجڻ کان پوءِ گڏيل سيٽون 47 کان گهٽجي 45 ٿي ويون. واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ 8 فيبروري 2024ع تي عام چونڊن جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 34

آهي ته ضلعي انتظاميا هڪ هفتي ۾ آلآصف اسڪوائر جي ڀرپاسي مان سموريون حدخليون ختم ڪرائي. آلآصف اسڪوائر کان ٽول پلازا تائين حدخليون هڪ مهيني ۾ ختم ڪرايون وڃن. لکت حڪم نامي ۾ وڌيڪ چيو ويو ته رينجرز ۽ پوليس حدخلين جي خاتمي ۾ انتظاميه سان مڪمل سهڪار ڪن. رينجرز ۽ پوليس انتظاميا کي گهربل نفري به فراهم ڪري. حدخليون ختم ڪري سروس روڊ، گرين بيلٽ تي فوري بيوٽيفڪيشن ڪئي وڃي. عدالتي حڪم ۾ چيو ويو ته اين ايڇ اي، ايف ڊبليو او علائقو تحويل ۾ وٺي ترقياتي ڪم ۽ بيوٽيفڪيشن ڪرائي. ڊپٽي ڪمشنر اوڀر، ڊي جي رينجرز، ايس ايس پي اولهه، ايف ڊبليو او ۽ اين ايڇ اي کي عملدرآمد رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 11 جنوري 2024ع تائين ملتوي ڪري ڇڏي. حڪم نامي ۾ ٻڌايو ويو ته ڊي سي اوڀر جو عدالت ۾ چوڻ هو ته حدخليون هٽائڻ بعد ٻيهر قبضو ٿي وڃي ٿو. سنڌ حڪومت جو چوڻ هو ته چيف سيڪريٽري عدالتي حڪمن تي عملدرآمد لاءِ ڪميٽي ٺاهي آهي. عدالت اصل ماسٽر پلان موجب سروس روڊ، گرين بيلٽ ۽ فٽ پاٿ ڪليئر ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته اهڙا قدم کنيا وڃن ته جيئن ٻيهر حدخليون قائم نه ٿين.

بقايا ❊❊❊ 35

مان 1400 رپيا ٿي وئي آهي. ڊي جي سيمينٽ 1400، ميپل 1380، بيسٽ وي 1350 رپيا في بوري جڏهن ته پائنيئرز 1350 رپيا ۽ لڪي سيمينٽ 1350 رپيا في بوري ۾ وڪرو ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. مارگلا بجر 50 رپيا وڌي 190 رپيا في فٽ. لوهه لوڪل 2 لک 45 هزار رپيا في ٽن جڏهن ته برانڊ ٿيل لوهه 2 لک 75 هزار کان 2 لک 80 رپيا في ٽن تائين وڪرو ٿي رهيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 36

۾ گارڊن هيڊ ڪوارٽرز سان 2 پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ٽيپو سلطان روڊ تي ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدارن تيل سان ڀريل گاڏي کسي هئي ۽ ان واقعي ۾ ملوث ٻه پوليس ڪانسٽيبل ملوث آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته ڌاڙي جي واردات ۾ ملوث اهلڪارن جي سڃاڻپ غالب ۽ نويد جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته واردات ۾ 5 جوابدار شامل هئا. هڪ جوابدار عمران کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن پوليس اهلڪارن بابت ٻڌايو. پوليس موجب واقعي ۾ ملوث ٻنهي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا مار ڪارروايون جاري آهن.

بقايا سنڌيار 01

علي انڙ ۽ ريحان علي ولد حق نواز زخمي، زخمين کي واتهڙن پاران تعلقہ اسپتال پنوعاقل پهچايو ويو هڪ ڄڻو ريحان ولد حق نواز انڊڙ ڳنڀير جوڳي حالت ۾ پنوعاقل کان سکر ريفر ڪيو ويو هوڏانهن رستي ويندڙ مسافرن جو چوڻ هو تہ واقعو تيز رفتاري سبب پيش آيو آهي

بقايا سنڌيار 02

پاڙو امن آباد ۾ ثقافتي تقريب ڪرائي وئي جنهن ۾ اسڪولي شاگردن ۽ استادن ثقافتي ويس پائي ڀرپور نموني شرڪت ڪئي ۽ اسڪولي شاگردن پاران ٽيبلوز خاڪا پيش ڪرڻ سان گڏ قومي گيتن تي رقص ڪري سنڌ ۽ سنڌي ثقافت کي ڀيٽا پيش ڪئي، ٻارڙن جو چوڻ هو تہ ثقافت جو ڏينهن اسان جي لاءِ عيد برابر آهي هن ڏينهن تي اسين ثقافتي لباس پائي ڀرپور ريليون ڪڍي ۽ قومي گيتن تي رقص ڪري سنڌ کي ڀيٽا پيش ڪندا اسون.

بقايا سنڌيار 03

.ان سلسلي ۾ ترجمان سيپڪو طفيل احمد سومرو پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب حڪومت پاڪستان جي هدايتن تي سيپڪو جي دائري اختيار ۾ بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن خلاف ڏينهن رات آپريشن ڪيو پيو وڃي، سيپڪو جي 7 سيپٽمبر کان جاري آپريشن ۾ هن وقت تائين 6 ارب 10 ڪروڙ کان وڌيڪ جي وصولي ڪئي وئي آهي، سيپڪو 10 ضلعن سکر، خيرپور، گهوٽڪي، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور، دادو ۽ نوشهروفيروز تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 5 آپريشن سرڪلز 16 آپريشن ڊويزن ۽ 61 آپريشن سب ڊويزن شامل آهن. سکر ۾ بجلي جي ڊفالٽرن ڏانهن 32 ارب 46 ڪروڙ 70 لک رپيا بقايا آهن. جن مان هينئر تائين 1 ارب 45 ڪروڙ 6 لک رپيا وصول ڪيا ويا آهن اهڙي ريت آپريشن سرڪل گهوٽڪي ۾ 27 ارب 68 ڪروڙ 30 لک رپين جا واجبات آهن مان 1 ارب 51 ڪروڙ 88 لک رپيا وصول ڪيا ويا آهن آپريشن سرڪل لاڙڪاڻي ۾ 35 ارب 77 ڪروڙ 90 لک روپين جا بقايا آهن ۽ 1 ارب 16 ڪروڙ 57 لک روپين جي وصولي جي يقيني بڻايو ويو آهي جڏهن تہ آپريشن سرڪل شڪارپور تي 28 ارب 99 ڪروڙ 80 لک رپين جي واجب الادا رقم مان 1 ارب 16 ڪروڙ 06 لک رپيا وصول ڪيا ويا آهن اهڙي طرح آپريشن سرڪل دادو ۾ 44 ارب 44 ڪروڙ 30 لک رپين جا واجبات آهن جڏهن تہ 1 ارب 61 لک رپيا وصول ڪيا ويا آهن. مجموعي طور سيپڪو جي 169 ارب 37 ڪروڙ 11 لک روپين جي بجلي جي واجب الادا رقم مان 7 سيپٽمبر کان هلندڙ بجلي چوري روڪڻ واري مهم ۾ هن وقت تائين 6 ارب 10 ڪروڙ کان وڌيڪ رقم وصول ٿي چڪي آهي جيڪا بجلي چورن تي وڌل ڏنڊ ۽ ڊفالٽرن کان بقايا وصول ڪرڻ جي زمري ۾ اچي ٿي هن وقت تائين 8192 بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرن خلاف 2051 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جن ۾ 7367 گهريلو صارفين، 651 ڪمرشل صارفين، 83 زرعي صارفين ۽ 91 صنعتي صارفين شامل آهن. جڏهن تہ 482 بجلي چورن کي پوليس گرفتار ڪيو آهي سکر ۾ 178، خيرپور ۾ 372، گهوٽڪي ۾ 235، قمبر ۾ 249، لاڙڪاڻي ۾ 203، شڪارپور ۾ 138، جيڪب آباد ۾ 112، ڪشمور ۾ 115، دادو ۾ 199، جڏهن تہ ضلعي نوشهروفيروز ۾ 250 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن تہ هن وقت تائين بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن جا 691 ٽرانسفارمر لاٿا ويا آهن مقامي انتظاميا ۽ سنڌ پوليس جي سهڪار سان ڊيفالٽرن کان وصولي جو عمل بهتر کان بهترين طرف وڃي رهيو آهي ٻئي طرف ڊيوٽي ۾ غفلت ۽ بجلي چوري تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪامي جي نتيجي ۾ ايڪسين، ايس ڊي اوز، لائين سپرنٽينڊنٽ، ميٽر ريڊرز، لائين مين، اسسٽنٽ لائين مين، اي ايس ايز ۽ بل ڊسٽريبيوٽر کي نوڪرين تان معطل ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ 16 ملازمن خلاف اداري جي طرفان قانوني ڪارروائي پڻ ڪئي وئي آهي جنهن ۾ "جبري رٽائرمينٽ" بہ لاڳو ڪيو ويو آهي.ان ڏس ۾ سيپڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر انجنيئر سعيد احمد ڏاوچ چيو آهي تہ بجلي چوري خلاف زيرو ٽالرنس جي حڪمت عملي تي عمل ڪندي سمورن هاءِ لاسز فيڊرن تي ميٽرز محفوظ ڪرڻ جو ڪم جاري آهي. حڪومت پاڪستان جي هدايتن تي سيپڪو جي دائري اختيار ۾ جتي سيپڪو پاران بجلي چوري کي روڪڻ جي مهم ۾ ڏينهن رات آپريشن ڪيو پيو وڃي اتي بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن پاران سيپڪو ملازمن تي حملن جا واقعا پڻ پيش آيا آهن. اسان جي آفيسرن ۽ ملازمن کي بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن پاران نقصان پهچائڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ اسان جي ملازمن سان جهيڙا، مارڪٽ ۽ انهن کي زخمي پڻ ڪيو ويو ۽ اسان قانون جي مدد سان گنهگارن خلاف ڪاروائين جي سلسلي کي جاري رکيو آهي. بجلي چوري هڪ ڏوهہ آهي جنهن جي ڪري قومي گردش بجلي ضايع ٿئي ٿي، سماج ۾ بجلي چوري جي روڪٿام لاءِ سيپڪو انتظاميا پاران بغير ڪنهن فرق جي بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن خلاف ڏينهن رات آپريشن جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 04

پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي علائقي جي مشهور راڳي سيد راشد شاه پڻ پروگرام کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا هن قومي گيت ڳائي آيل سوين شاگردن استادن ۽ معززين کي جهومائي ڇڏيو ثقافتي تقريب ۾ ٻارڙن سنڌي قومي گيتن تي رقص ڪري جهمريون پاتيون ان موقعي تي اسڪول جي هيڊماستر سيد لياقت شاه جيلاني ۽ ٻين استاد سنيل ڪمار غلام مصطفا نصيراڻي عمران پنهور مشتاق ملڪ ۽ ٻين روزاني سنڌ يار سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان هر سال ثقافت جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون اهو ڏينهن اسان لاءِ عيد جيان هوندو آهي ۽ اسان اڄ بہ وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو آهي سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌي ميڊيا جا ٿورائتا آهيون.

بقايا سنڌيار 05

لاءِ شيدي ايڪتو جماعت سنڌ پاران ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي شيدي ايڪتو جماعت سنڌ جي مرڪزي صدر ذوالفقار شام، سينيئر نائب صدر مير محمد شيدي، نائب صدر غلام مرتضى شيدي، جنرل سيڪريٽري ساگر شيدي، سٽي صدر پرل شيدي، جنرل سيڪريٽري الله ڏنو شيدي، نانا جڙيو شيدي، علي حسن شيدي، جاويد حيدر شيدي، عبدالرشد قمبراڻي سميت ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شامل نوجوانن پاران سنڌي گيتن تي شاندار رقص ڪيو ويو انهي موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ شيدي سنڌ ڌرتيءَ خاطر هر گهڙي پنهنجي جان جو نذرانو ڏيڻ لاءِ تيار آهن. شهيد جرنل هوش محمد شيدي سنڌ ڌرتيءَ جي جيڪا وارثي ڪئي اها اسان لاءِ انتهائي گهڻي فخر جي ڳالهہ آهي سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙ شيدي بہ سنڌ ڌرتيءَ جا وارث آهن. سنڌ ڌرتيءَ ڏانهن ميري اک کڻندڙ جو مقابلو شهيد جرنل هوش محمد شيدي جي وارث برابري جو هر ٻچو ٻچو ڪندو، اسان کي انتهائي گهڻي خوشي آهي جو اسان پنهنجو ثقافتي ڏيهاڙو ملهائي رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 06

پ اڳواڻن پٽني جي چڱي مڙس وڏيري سڪندر علي ڏنڊڻ جي گهر واري، وائيس چيئرمين يونين ڪائونسل پٽني بشارت علي ڏنڊڻ ۽ ذيشان علي ڏنڊڻ جن جي امڙ ڪجهہ عرصي کان بيماري سبب 30 سيپٽمبر خميس ڏينهن هن فاني جهان مان لاڏائو ڪري وئي، جنهن کي آخري رسمن ادا ڪرڻ بعد ڳوٺ وڏي پٽني ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ اڳوڻي وفاقي وزير پ پ پ مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاه، اڳوڻو صوبائي وزير سيد اويس قادر شاه، سردار لعل محمد خان پنهوار، رفيق احمد پل چيئرمين سکر بورڊ، اعجاز احمد پل، جاويد عالم ابڙو، اعجاز احمد چڇڻ چيئرمين يوسي چوهارا منڌي، پ پ اڳواڻ اعجاز شاه، راز محمد دراني، گل حسن هاليپوٽو، مير ساجد ٽالپر، وڏيرو بدر شيخ، گلزار علي رندواا سيڪٽر هيڊ اسٽيٽ لائيف، عبدالقادر جتوئي، اسلم چارڻ، الطاف علي واگهو سميت ٻين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، دوستن ۽ مٽن مائٽن پاران تڏي تي پهچي وڏيري سڪندر علي ڏنڊڻ، الله رکيو ڏنڊڻ، عبدالمجيد ڏنڊڻ، اسد ڏنڊڻ، منظور حسين ڏنڊڻ، نديم ڏنڊڻ، بشارت ڏنڊڻ، ذيشان علي ڏنڊڻ جن سان عذرخواهي ڪري مرحومہ جي مغفرت ۽ ايصال ثواب خاطر دعائون پڻ گهريون، جڏهن تہ ڳوٺ پٽني ۾ تعزيت وارو سلسلو پڻ جاري آهي، جڏهن تہ اڄ ڇنڇر ڏينهن مرحومہ جو ٽيجهو ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 07

صحافين شهرين ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 08

ڊاڪٽر اسد ڪلهوڙو سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر فوڪل پرسن ڊاڪٽر عبدالستار ڪانگهرو ۽ ٻين چيو تہ ايچ آءِ وي ايڊز جو هڪ وائرس آهي جنهن جو علاج ممڪن آهي ۽ علاج لاءِ ٽريٽمينٽ سينٽر کليل آهن جتي متاثر مريض اچي علاج ڪرائڻ ٿا ۽ صحتمند زندگي گذاري رهيا آهن. ايچ آءِ وي ۾ مبتلا مريضن سان نفرت نہ پر پيار ڪيو انهن سان گڏ کائي پيئي سگهجي ٿو ان سان ڳالهائڻ يا گڏ کائڻ سان سان هي بيماري ناهي پکڙجندي ان ڪري ان مرض ۾ مبتلا ماڻهن کان پري نہ رهو پر انهن سان ويجهڙائي ڪري انهن کي خوش زندگي گذارڻ سيکاريو.

بقايا سنڌيار 09

جنهن ۾ سردار زاده ملڪ سڪندر خان جي گهوڙن حمليڪ ڪيرتر ملڪ شير دل خان جي گهوڙي ڪنگ ملڪ پهاڙ خان جي گهوڙي مارخور حصو ورتو پلن گهوڙن کي سهڻي نموني سينگاري ڊوڙ ۾ شامل ڪري سنڌ جي شاهوڪار ثقافت کي نروار ڪيو ويو گهوڙن جي ڊوڙ ۾ ملڪ شير دل خان.ملڪ پهاڙ خان سميت وڏي انگ ۾ علائقي واسين ۽ شوقينن شرڪت ڪئي ان دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ملڪ شير دل خان.ملڪ پهاڙ خان ٻين چيو سنڌي ميڊيا جس لهي ٿي جنهن سنڌ جي شاهوڪار ثقافت کي نروار ڪيو آهي 3 ڊسمبر تي ثقافتي ڏڻ ڀرپور نموني ملهايو ويندو هنن چيو تہ سنڌ جي ثقافت پنج هزار سال پراڻي آهي جنهن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ سان سنڌ جي ثقافت سڄي دنيا اڳيان نروار ٿي آهي وري سنڌي ميڊيا جي جهد وجهد ان کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا آهن هنن چيو تہ سنڌي قوم تمام عظيم تهذيب ۽ ثقافت جي وارث آهي اسان سنڌ جي ثقافت ۽ روايتن جا امين آهيون سنڌ سميت ڪوهستان جي ڌرتي عظيم آهي پلن گهوڙن جي ڊوڙ ڪرڻ جو مقصد سنڌ ثقافت کي ڀيٽا پيش ڪرڻ سان گڏ نروار ڪرڻ آهي ۽ نوجوان نسل ڏانهن منتقل ڪرڻ آهي جيئن هو پنهنجي ثقافت کي سمجهي سگهن هنن چيو تہ ڪوهستان جي ڌرتي امن محبت پائيداري واري ڌرتي آهي جنهن جو مثال توهان کي ڪٿي بہ نہ ملندو هتان جو مثال خاندان ان ڏس ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي هتان جي تهذيب روايتن جو رکوالو ۽ امين آهي ڪوهستان جو امن امان سڄي دنيا ۾ مشهور آهي جنهن جو ڪريڊٽ هتان جي چيف سردار ملڪ اسد سڪندر خان ڏانهن وڃي ٿو

بقايا سنڌيار 10

هڪ سيمينار ٿي گذريو جنهن کي خطاب ڪندي ڊي ايچ او سکر ڊاڪٽر وزير قل ٻڌايو تہ دنيا ۾ چار ڪروڙ کان وڌيڪ مريض هن مرض ۾ مبتلا آهن هي مرض دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آفريڪا ۾ آهي جڏهن عالمي ادارن جي هڪ ڪڏيل ڪوشش رهي آهي تہ هي مرض وڌيڪ نہ ڦهلجي جنهن لاءِ پوري دنيا اندر هي ڏينهن ملهايو ويندو آهي ۽ ماڻهن ۾ آگاهي ڦهلائي ويندي آهي ان موقعي تي ڊاڪٽر وزير علي قل سيمينار ۾ ايندڙ شاگردن کي چيو تہ هي مرض عام ڪري نوجوان نسل ۾ وڌيڪ ڦهلجي رهيو آهي انهيءَ لاءِ اوهان کي احتياط ڪرڻو پوندو تہ جيئن مرض نہ ڦهلجي سگهي هي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد آهي تہ پاڪستان اندر هن مرض جي روڪٿام ڪري سگهجي ۽ خاص ڪري اسان جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ماڻهن ۾ آگاهي سان گڏ شعور پيدا ڪرڻو پوندو تہ جيئن هن مرض کي روڪي سگهجي، آخر ۾ جي ايم ايس سي سول اسپتال سکر کان پريس ڪلب سکر تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ تمام ادارن جي آفيسرن ، سول سوسائٽي جي ماڻهن سان گڏ پيراميڊيڪل جي ڊاڪٽرن، شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 11

ڪان پوءِ ايچ آءِ وي ايڊز کان بچاءَ لاءِ آگاهي سيمينار او پي ايف اسڪول ۾ منعقد ڪيو ويو سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليپوٽو چيو تہ ايڊز لاعلاج مرض آهي ان کان بچاءَ لاءِ احتياط انتهائي ضروري آهي انهي لاءِ اسان کي پنهنجي معمول جي زندگي ۾ احتياطي اپاءَ وٺڻا پوندا هن چيو تہ بيماري جي حالت ۾ پنهنجو علاج عطائي ڊاڪٽرن کان نہ ڪرائي ڪنهن سرٽيفائيڊ ڊاڪٽر کان ڪرايو وڃي انجيڪشن جو غير ضروري استعمال نہ ڪيو وڃي انتهائي ضرورت جي وقت نئين ڊسپوزل سرنج جو استعمال ڪيو وڃي حجام کان ڏاڙهي يا وار نهرائڻ وقت نئون بليڊ استعمال ڪيو وڃي، رت لڳائڻ وقت انهي ڳالهہ جي يقين ڏياڻي ڪرڻ گهرجي تہ هي رت ايڊز جي بيماري کان پاڪ آهي، پنهنجا جنسي لاڳاپا صرف پنهنجي جيون ساٿي تائين محدود رکجن، هن چيو تہ احتياطي اپاءَ وٺي سان ڪيترين ئي انساني جانيون بچائي سگهجن ٿيون آگاهي واڪ ۽ سيمينار ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر شهزاد ملاح، ايم ايس سول اسپتال بدين ڊاڪٽر مير اختر ٽالپر، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ بدين اي رٽائرڊ ميجر ڊاڪٽر مير حسن جمالي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دين محمد ڏيرو، ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو، ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي، پروگرام مينيجر ايل ايڇ ڊي پي ساوڻ خاصخيلي، پرنسپل او پي ايف اسڪول آمنہ ظهور عباسي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو واڪ ۽ سيمينار ۾ ڊاڪٽرن پيراميڊيڪل اسٽاف، اين جي اوز جي نمائندن، سماجي اڳواڻن ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 12

هدايت الله ناريجو ۽ هاري عبدالڪريم ناريجو پاڻ مٿان لڳل الزامن کي رد ڪندي چيو آهي تہ مينيجر عنايت عمراڻي اسان مٿان الزام هڻي ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي نہ اسان ان مٿان ڪو حملو ڪيو آ نہ وري ان جي ڪار کي ڪو نقصان پهچائي ڪار ۾ پيل 12 لک رقم ڪئي آ هو اسان مٿان سڀ الزام هڻي اسان کي حراسان ڪري رهيو آهي، هنن جو چوڻ هيو تہ اسان پاڻ شروع کان غنوي ڀٽو ۽ جونئير ذوالفقار جا ملازم ۽ هاري ٿي رهيا آهيون اسان هن کي تہ ڇا پر ڪنهن کي بہ ڀتي لاءِ ڪا پرچي يا پيغام ناهي موڪليو هي اسان مٿان ڪوڙا الزام هڻي مالڪن جو مال ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هنن اعليٰ انتظاميہ کان مطالبو ڪيو تہ ان واقعي جي صاف شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي تہ جيئن سچي ڪوڙي جي خبر پئجي سگهي....

بقايا سنڌيار 13

ڪرڻ ڪانپوءِ ان جي تڪبندين ۾ ٻيهر تبديلي ڪئي وئي آهي. جنهن مطابق پي ايس 75 ٽنو 1 ۾ ٽنو تعلقو مڪمل ۽ گهوڙاٻاري تعلقي جي ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري ۽ ٽن ٽپيداري سرڪلن گُليل، ڪونڙي الهرکيو شاه ۽ ڪاڻ کي شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ پي ايس 75 ٽنو 2 ۾ ميرپور ساڪرو تعلقو مڪمل، ڪيٽي بندر تعلقو مڪمل ۽ گهوڙاٻاري تعلقي جي ڳاڙهو ۽ ٻهارا شهرن کي شامل ڪيو ويو آهي، ان کان اڳ ميرپور ساڪرو تعلقي کي ختم ڪري ان جي اڌ حصي کي ٺٽي ۽ اڌ حصي کي گهوڙاٻاري جي صوبائي تڪن ۾ شامل ڪيو ويو هو ٺٽي جي سياسي ڌرين ۽ پيپلزپارٽي جي اڳواڻ اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن پاران ميرپور ساڪرو تڪ جي ختم ٿيڻ خلاف اليڪشن ڪميشن وٽ نظرثاني لاءِ اپيلون داخل ڪيون ويون هيون، جن اپيلن جي آڌار تي اهو فيصلو عمل ۾ آيو آهي، اهڙي ڪيل فيصلي تي ميرپور ساڪرو جي رهواسين ۾ خوشي جي لهر ڇانيل آهي، گهوڙاٻاري جي عوام ۾ ڏک غصوجي لهر ڇانيل گهوڙاٻاري جي عوام پاران ٻيهر تڪ بحال جو مطالبو

بقايا سنڌيار 14

سول اسپتال تائين عوام کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ريلي ڪڍي، ريلي ۾ ڊاڪٽر ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف بہ شامل هئا، ريلي جي آخر ۾ اڳواڻن خطاب ڪندي هنن چيو تہ ايڊز جي موذي مرض کان بچاءَ لاءِ ماڻهن کي گهرجي تہ سرنج جو استعمال بهتر هجڻ گهرجي، بليڊ جو استعمال هڪ دفعو ٿيڻ گهرجي، نڪ ۽ ڪن ٽوپائڻ لاءِ صاف اوزار استعمال ڪرڻ گهرجن، جيڪڏهن ڪو ماڻهو رت جي ٿيلهي استعمال ڪري تہ اها صاف هجڻ گهرجي.

بقايا سنڌيار 15

جو اظهار ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ راڻيپور کان احتجاجي مارچ بعد سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جي پليٽ فارم تان معصوم نياڻي پريا ڪماري، علي اصغر منگريو، علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ ڏينهن رات جاري احتجاج کي 59هين بہ جاري رکي مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي، احتجاجي ڪئمپ تي مسلم ليگ ن ضلعي سکر جي صدر خورشيد احمد ميراڻي، ياسر ميراڻي ۽ ٻين يڪجهتي جو اظهار ڪندي سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سنڌ سرڪار کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي احتجاج ۾ شامل ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، محمد اعظم منگريو جاويد سولنگي زاهد منگريو ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو تہ سکر ۾ اسان جي احتجاج کي 59 ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن پر سنڌ حڪومت ۽ مختلف ضلعن جي پوليس اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي بہ اپاءَ نہ ورتي اهو ثابت ڪيو آهي تہ ڪين مظلوم عدم تحفظ جي شڪار عوام جي ڪين ڪابہ فڪر ناهي، سنڌ ۾ قبائلي دهشتگردي هر روز قرلت، چوري ۽ اغوا جي وارداتن سبب اڳ ئي سنڌ جا ماڻهو سخت مونجهارن ۽ پريشانين جا شڪار آهن پر نگران وفاقي توڙي صوبائي حڪومت ڪجهہ ايڪشن کڻڻ لاءِ تيار ڪونهي جيڪو عوام سان سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي ڊاڪٽر نذير چيو تہ اسان راڻيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي جنهن کي 87ڏينهن مڪمل ٿيا آهن اسان جي احتجاج کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي تہ سکر جي علائقي سنگرار ۾ بااثر سردار جي قيد مان معصوم نياڻي پريا ڪماري، شڪارپور جي بااثر منگريو ذات جي فردن خاص طور شڪارپور پوليس پي ڊي ايس پي خالد منگريو جي قيد مان اصغر منگريو سميت سنڌ جي اغوا ٿيل سمورن مغوين کي بازياب ڪرايو وڃي جيئن اهي پنهنجي ٻچڙن سان گڏ زندگي گذاري سگهن.

بقايا سنڌيار 16

. جمعي ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنيجو ايڊووڪيٽ جنرل حسن اڪبر ۽ لاڳاپيل سيڪريٽري شرڪت ڪئي. پولنگ اسٽيشنز لاءِ اسڪول: اسڪول ايجوڪيشن کاتي ڪابينا کي آگاهي ڏني تہ لاڳاپيل ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنن طور استعمال ٿيندڙ اسڪولن ۾ سهولتن جي کوٽ آهي. ڪميٽي 9901 اهڙن اسڪولن جي نشاندهي ڪئي جن جي مرمت ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ ڪراچي ۾ 1015، حيدرآباد ۾ 4520 ۽ سکر ۾ 4366 اسڪول شامل آهن. تجويز ڪيل بجيٽ ۾ 9901 اسڪولن جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ 3.3 ارب رپيا رکيا ويا آهن. ڪابينا تجويز جي منظوري ڏئي ڇڏي. اي ايس آءِ جي اهليت ۽ ڀرتي: گهرو کاتي ڪابينا کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ پوليس کاتي اي ايس آءِ جي 1046 پوسٽن تي عام ڀرتي لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي درخواست موڪلي آهي. صوبائي ڪابينا 2001_05_29 تي ٿيل پنهنجي اجلاس ۾ اي ايس آءِ جي پوسٽ تي ڀرتي لاءِ بنيادي تعليمي قابليت انٽرميڊيٽ کي قرار ڏنو هو ۽ ان وقت کان وٺي اي ايس آءِ جي پوسٽ تي ڀرتيون انٽرميڊيٽ جي بنياد تي ڪيون پيون وڃن. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو تہ سنڌ پوليس (شهيد، فوتي، مستقل غير فعال يا نااهل ڪوٽا) ريڪروٽمينٽ رولز 2021 تحت اي ايس آءِ جي پوسٽ لاءِ گهربل قابليت گريجوئيشن آهي جڏهن تہ 29 مئي 2001ع واري ڪابينا جي فيصلي موجب گهربل اهليت سيڪنڊ ڪلاس انٽرميڊيٽ آهي. ڪابينا ASIsجي گريجوئيشن لاءِ اهليت جو معيار مقرر ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي ڀرتي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ڪئي ويندي. پاڪستان رينجرز: گهرو کاتي ڪابينا کي ٻڌايو تہ پاڪستان رينجرز پنهنجي هنگامي شعبي جنهن ۾ واٽر ڪينن، ڪوئڪ ريسپانس فورس گاڏين ۽ قابل اعتماد مواصلاتي آلات کي اپ گريڊ ڪرڻ لاءِ 3.57 ملين رپين جي درخواست ڪئي آهي. ڪابينا ان معاملي تي غور ڪيو ۽ صوبي ۾ رينجرز جي آپريشنل صلاحيت کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ لاءِ فنڊن جي منظوري ڏني. فرنٽيئر ڪانسٽيبلري: ڪابينا کي ٻڌايو ويو تہ وفاقي حڪومت 2005ع کان 2008ع تائين سنڌ ۾ امن امان جي بحالي ۾ سول انتظاميا جي مدد لاءِ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري مقرري جون ذميواريون ادا ڪيون آهن. وفاقي حڪومت پاران دعويٰ ڪيل رقم ۾ 149563697 رپيا پگهارون ۽ الائونسز 77340849 رپيا ۽ انٽرنل ڊيوٽي 77340849 رپيا شامل آهن جيڪا ٽوٽل رقم 226.902 ملين رپيا آهي. ڪابينا وفاقي رهتن جي ادائيگي لاءِ رقم جي منظوري ڏئي ڇڏي. گوراڻو پروجيڪٽ جي متاثرن کي معاوضو: توانائي کاتي ڪابينا کي ٻڌايو تہ ٿر ڪول بلاڪ ٽو جي ترقي سان 757 خاندان متاثر ٿيا آهن. ڪابينا 2029ع ۾ گوراڻو منصوبي جي متاثر خاندانن لاءِ 100000 رپيا ساليانو معاوضي جي منظوري ڏني. ڪابينا 757 خاندانن لاءِ ٿرفائونڊيشن کي 90 ڪروڙ رپيا جاري ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ تصديق ڪانپوءِ 757 بدران 501 خاندانن جي نشاندهي ڪئي وئي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو تہ 21_2020ع ۾ 50.1 ملين رپيا ورهايا ويا ۽ 27.4 ملين رپيا باقي بچيا ۽ 22_2021 ۾ 50.1 ملين رپيا جاري/ ورهايا ويا جڏهن تہ 32.883 ملين رپيا پلتي بچيا جنهن ۾ بئنڪ جو منافعو 5.483 ملين رپيا شامل آهي. تنهنڪري هن سال 2023_24 ۾ 51.159 رپيا متاثر خاندانن ۾ ورهائڻا آهن جڏهن تہ 32.883 ملين رپيا موجود آهن باقي 18.216 ملين رپيا کٽن ٿا. ڪابينا گوراڻو پروجيڪٽ جي متاثرن کي معاوضي لاءِ بجيٽ کان ٻاهر 18.216 ملين رپيا (ڪوٽ) جي منظوري ڏني. ڪابينا کي ٻڌايو ويو تہ 24_2023ع دوران معاوضي جي ادائيگي لاءِ 18.216 ملين رپيا گهربل هئا. ايل ڊي اي: نگران ڪابينا کي ٻڌايو ويو تہ لاڙڪاڻي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ايل ڊي اي) کي آڪٽوبر 2023 ۾ ختم ڪيو ويو. ڪابينا فيصلو ڪيو تہ ناڪاره ايل ڊي ايز جي ملازمن کي مڪاني ادارن جي کاتي ۾ ناهيل سرپلس پول ۾ موڪليو ويندو جيڪو ڪين مختلف ونگز ۾ جڏهن بہ ۽ جيڪڏهن ڪا آسامي خالي ٿيندي تہ ترجيحي طور تي سندن اباڻي ضلعن ۾ ضم ڪندو. بحالي مرڪزن لاءِ زمين الاٽ ڪرڻ: سنڌ ڪابينا صحت کاتي جي درخواست تي سکر ضلعي جي ديهہ ننڊو ڪوهستان ۾ 3 ايڪڙ زمين مفت ۾ الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. صحت کاتو ان زمين تي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبليٽيشن جو سيٽلائيٽ سينٽر قائم ڪندو. بورڊ جي ٻيهر جوڙجڪ: ڪابينا کي ٻڌايو ويو تہ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي بورڊ آف گورنرز جو مدو آگسٽ 2023ع ۾ ختم ٿي چڪو آهي تنهنڪري اسڪول جي بورڊ آف گورنرز کي اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي سفارش تي بحال ڪيو ويو جنهن جو چيئرمين ڪمشنر حيدرآباد هو جڏهن تہ ايڊيشنل سيڪريٽري (هر هڪ اسڪول ايجوڪيشن ۽ نائٽي ڪاتي مان)، ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن، چيئرمين تعليمي بورڊ حيدرآباد، پرنسپال پبلڪ اسڪول آفيشل ميمبر هوندا ۽ ٻين غير سرڪاري ميمبرن ۾ طارق شاه جاموٽ، اعظم ڈامراه، جسٽس (ر) همايون خان، پروفيسر فتح محمد مري ۽ رمشا ٽالپر شامل هوندا. بورڊ آف ڊائريڪٽرس (BoD): صوبائي ڪابينا ميسرز سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني جي ڊائريڪٽرن لاءِ ٻن نالن تي غور ڪيو ڊائريڪٽر SECMCلاءِ آصف حيدر مرزا (CFA) جي نامزدگي جي منظوري ڏني وئي جڏهن تہ لياقت علي جي نالي تي غور سندس بائيو ڊيٽا ڪابينا ميمبرن کي فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيو ويندو. چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنيجو اڳوڻو ڊائريڪٽر هوندو ۽ بورڊ جو چيئرمين هوندو. نگران ڪابينا اينگرو پاورجن ٿر (پرائيويٽ) لميٽيڊ کي ٿرڪول بلاڪ ٽو ۾ 330 ميگاواٽ جا ٻہ ڪوئلي سان هلندڙ پاور پلانٽ گرائونڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني. ضابطا (Rules): ڪابينا سنڌ شهيدن جي سڃاڻپ ۽ معاوضي رولز 2023 جي منظوري ڏئي ڇڏي.

بقايا سنڌيار 17

صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جي جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 110 ڏينهن بہ جاري رکيو ويو جنهن ۾ شامل صحافين شهيد جان محمد جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تابائي، سيد احقر شاه،خالد ٻانيڻ، جاويد جتوئي، نصر وسير، عمر سومرو، آصف لوڌي، جلال الدين ٻيبو سحرش کوکر، فاروق سومرو،جهانزيب وسير، شاهد چنو محمد رضوان صديقي، شوڪت راهي، عبدالحميد ڪمبوه، جواد شاه، عبدالغفور شيخ،ديدار انڙ، فريد سومرو، قاضي ضياء الرحمان ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ شهيد جان محمد مهر جي وڇوڙي کي 110 ڏينهن ٿي ويا آهن پر سکر ب سنڌ سرڪار جي خاطرين باوجود وڏوعرصو گذري ويو پر قاتل اڃان تائين گرفتاري کان ٻچيل آهن اسان جو احتجاج ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نہ ٿو آندو وڃي احتجاج ۾ سيد گلزار شاه صلاح الدين سميجو ، جي ايم شيخ،مرتضيٰ سميجو محمد اسلم دايو روهڙي جي صحافين عثمان گنجي غلام حسين پنهور، غلام حسين چنو،عنايت جاگيراڻي سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، جاويد سولنگي، اعظم منگريو ۽ ٻين شرڪت ڪندي يڪجهتي جو اظهار ڪنديچيو تہ سکر جي بهادر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ مان لڳي ٿو تہ قاتلن جا ساٿاري طاقتور آهن هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن

بقايا سنڌيار 18

پ درر کي بہ مات ڏئي ڇڏي آهي جنهن سبب هزارين ماڻهو ۽ خاص ڪري روينيو جي ڪاتيدارن جا ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا آهن زرعي زمينن جي دستاويزن جون داخلاڻون سيل سرٽيفڪيٽ ۽ شهرين جي اٿاڻن جي خريد وفروخت بعد جيڪو ۽ شهري روينيو آفيسن ۾ ڪم لاءِ وڃي ٿو تہ تپيدار مختيار اسسٽنٽ ڪمشنرز ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جا هرجائز ڪم تي ريٽ مقرر ٿيل آهن جيڪو شهري مقرر ڪيل ريٽ نٿو ڏئي ان جو ڪم رولڙي جو شڪار بڻجي رهيو آهي جنهن جي شڪايت ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڊي سي آفيس اچن ٿا تہ موصوف آفيس ۾ موجود نہ آهي ۽ اڪثر ڪري ٽين وڳي ڪانپوءِ آفيس اچي ٿو ۽ شام تائين ميٽنگن ۾ مصروف هوندو آهي جن ميٽنگن مان صرف فوٽ سيشن کان سواءِ اڍائي مهينن ۾ ڪوبہ لاڀ حاصل نہ ٿي سگهيو آهي جنهن جو مثال هي آهي تہ پيٽرول جي قيمت گهٽجڻ ڪانپوءِ ڊي سي طرفان اٽي سميت روزمرا جي شين جي اگهن جي لسٽ جاري ڪئي ويئي ان تي ڪوبہ عمل نہ ٿي سگهيو بدين ضلع ۾ پاڻ ۽ ڊي اي پي ۽ سورج مکي ٻج جي بليڪ مارڪيٽنگ عروج تي آهي راڻس ملن جا مالڪ سارين جا اگ گهٽائڻ ۽ غير قانوني ڪٽوتين ذريعي ننڍن آباد گارن ۽ هارين کي ڦري رهيا آن شهر مان حد دخليون ختم ڪرڻ جي ڊي سي جي حڪم کي ميونسپل انتظاميا گاهہ بہ نہ وڌو ڊي سي پنهنجي رٽ قائم رکڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مجبورن آباد گار روڊن تي نڪري آيا آهن ڊي سي بدين جون بنا لاڀ جي اسڪولن صحت مرڪزن جا وزٽ ۽ ميٽنگن سبب سڄي ضلع جا لکين ماڻهن جا ڪم رولڙي جو شڪار آهن ۾ وفاقي حڪومت طرفان ننڍن آباد گارن لاءِ آسان قسطن ۽ گهٽ انٽيسٽ تي ايگريڪلچر بينڪ ۾ آيل قرض اسڪيم جنهن جي 30 نومبر آخري تاريخ آهي بدين ضلع جو سڀ کان وڏيڪ ٻوڙ سٽيل تعلقي ٽنڊي باگي جا سوين آباد گار ان ڪري هن اسڪيم کان بہ محروم ٿي ويا آهن جو اهي ٻوڙ سٽيل آباد گار ايگريڪلچر بينڪ جا گروي ليٽر ۽ پاس بڪ ڪٽي مختيار ڪار ٽنڊو باگو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو جي آفيسن جا چڪر ڪٽي ٿڪجي پيا پر انهن کي اهو چئي انهن جون گرويون نہ رکيون ويون تہ انٽري رکڻ جا ڪتاب ختم ٿي ويا آهن جڏهن تہ مختيار ٽنڊو باگو جو چوڻ آهي تہ اهي ڪتاب روينيو بورڊ حيدرآباد جاري ڪندو جنهن لاءِ ختم ٿي ويل ڪتاب تي اسسٽنٽ ڪمشنر جون صحيحون ضروري آهن اي سي صحيحون نٿو ڪري ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو سان رابطو ڪرڻ تي هن موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ٻئي طرف ڊي سي بدين آفيس جي ذريعن ۽ روينيو کاتي جي ڪيترن ملازمن نالا ظاهر نہ ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو تہ بدين جي هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ هزارين ملازم آهن انهن کي سرڪار طرفان گاڏيون پڻ مليل آهن هڪ فعال ادارو هئڻ باوجود روينيو ملازمن کي هيلٿ جي ڪم ۾ استعمال ڪري روينيو جو ڪاروهنوار متاثر ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري روينيو کاتي سان تعلق رکندڙ ڪم وڏي انگ ۾ متاثر ٿي رهيا آهن بدين ضلع جي شهرين نگران وڏي وزير ۽ ڪمشنر حيدرآباد چيف سيڪريٽري سنڌ کي اپيل ڪئي آهي تہ هو ڊي سي بدين جي ان روش ۽ اي ڊي سيز سميت اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيار ڪارن جي آفيسن ۾ ڪرپشن جي بازار گرم جو نوٽيس وٺن تہ جيئن بدين ۾ روينيو کاتي جو ڪاروهنوار درست هلي سگهي عوام جا ڪم نہ رڪجن جيڪي روز سوين ڪاتيدار آفيس اچن ٿا آفيسرن جي غير موجودگي ۽ ڳرين رشوتن سبب واپس هليا ٿا وڃن

بقايا سنڌيار 19

عوام جي مسئلن تي ڌيان ڏنو ۽ ترجيحي بنيادن تي ان کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ عوام ۾ ڪيس اهميت حاصل آهي جنهن جي ڪري منهنجي خواهش آهي ان پليٽ فارم تان عوام جي خدمت ڪيان تنهن ڪري پارٽي قيادت کي ٽڪٽ جي درخواست ڏني آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ مير اعجاز حسين جکراڻي جي مڪمل حمايت حاصل آهي ۽ پارٽي ورڪر ۽ شهري بہ سندس ڪاميابي جا خواهشمند آهن هن اميد ظاهر ڪئي تہ پ پ پ جي مرڪزي قيادت بہ سندس خدمتن ۽ عوامي حمايت کي مد نظر رکندي ٽڪٽ ضرور ڏيندي، هن آخر ۾ پنهنجي عزم کي ورجائيندي چيو تہ چونڊن ۾ حصو ضرور وٺندس ڇو جو اهو جيڪب آباد جي مظلوم غريب عوام جو مطالبو ۽ منهنجي خواهش آهي

بقايا سنڌيار 20

ملي ٽري جي ڳوٺ چتوخان لنڊ جي رهواسين عبدالقيوم لنڊ ۽ عبدالرئوف لنڊ جي گهرن کي اچانڪ باهہ وڪوڙي وئي گهرن ۾ پيل ساريون نقد پئيسا ۽ سون ٻني جي ڪاغذن سميت الہ تلہ سڙي رک ٿي ويو متاثر خاندان سردي جي موسم ۾ کلي آسمان هيٺ ويٺل سرندي وارن کان واهر جي اپيل باهہ لڳڻ جو سبب معلوم نہ ٿي سگهيو هو

بقايا سنڌيار 21

آفيم ، ديسي شراب ، آڪڙا پرچي جوا ، فينسي بکي جوا زهريلي سفينا آداب سپارين سميت آئيس جو سرعام وڪرو سرعام جاري آهي هن سموري سماجي برائين ۾ ڪڏڙو پوليس جي مڪمل آشيرواد آهي ڪيترائي نوجوان ۽ اسڪولي شاگرد پڻ هن نشي آور شين جا عادي بڻجي ويا آهي ڪڏڙو پوليس سمورين سماجي برائين کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوبہ تحرڪ نہ ورتو آهي پر پنهنجون منٿليون مقرر ڪري ڇڏيون آهن ڪڏڙو جي عوام ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ، آئي جي سنڌ ۽ سنڌ جي نگران وڏي وزير کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪڏڙو شهر ۽ پسگرادئي جي علائقن مان سماجي برائين جو هڪدم خاتمو آڻي نوجوان نسل کي تباه ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 22

جنازي نماز محبت ديرو ۾ ادا ڪئي وئي جڏهن تہ ڇٽن ڇٽن جي جنازي نماز پبلڪ پارڪ ۾ ادا ڪئي وئي، فوتين ۾ خليفي شڪيل ميمڻ، ضلعي چيئرمين عشر زڪوات ڪميٽي، ميونسپل ڪميٽي ميمبر حاجي گهٽو ٽگڙ، جوڳي سومرو ۽ نادرچانڊيو شامل هئا. نماز جنازه ۾ اڳواڻن پيپلز پارٽي ضلعي چيئرمين سهيل اختر عباسي اڳوڻي ميمبر سنڌ اسيمبلي ممتاز چانڊيو سيد حسن علي شاه امير بخش راڄپر، ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جو اڳوڻو صلاحڪار مولا بخش مبيجو محمد عثمان عالماڻي علي خان عالماڻي، مسرور راڄپر، نذير ميمڻ خالد مسعود چنا، چيئرمين ميونسپل مورو، ڪائونسلر سيد محمد علي شاه، شفيق الرحمان راڄپر، يونس راڄپر، اير ظفر ٽگڙامجد ميمڻ، اڪبر راڄپر، ڊاڪٽر قدير ميمڻ، سعيد ميمڻ، اسلم قريشي سياسي سماجي تنظيمن جي شهري اڳواڻن شرڪت ڪئي، ڪوئيٽا ۾ پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس جي ريلي بعد پنج ڄڻا نوشهروفيروز واپس اچي رهيا هئا، شڪارپور پرسان حادثو پيش آيو جنهن ۾ پنج ڄڻا فوت ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 23

۾ 22 اي ۽ بي جي درخواست داخل ڪرائي هئي، جنهن تي عدالت سگهوري اهو حڪم جاري ڪيو درخواست گذار مسمات بصرت ڪليري موقف اختيار ڪيو تہ سندس نوجوان پٽ پرويز بيمار ٿي پيو جنهن کي شاهدن جي موجودگي ۾ 19 سيپٽمبر تي ماڊ ميڊيڪل سينٽر آندو ويو جو هن جو پيشاب بند ٿي ويو هو درخواستگذار موجب ڊاڪٽر پريل ۽ سندس پٽ ڪيس هڪ لک روپيا جمع ڪرائڻ جو چيو ۽ هن جي سرجري ڪئي پر سندس رت وهڻ بند نہ ٿيو جنهن بعد ان جو ٻيهر آپريشن ڪيو ويو ۽ اسان کي ڊسچارج ڪري واپس ڳوٺ موڪليو ويو جتي پڻ رت وهڻ بند نہ ٿيو جنهن بعد اسان ڪيس مستوئي ميڊيڪل سينٽر نوابشاه ۾ داخل ڪرايو جتي اسان کي ٻڌايو ويو تہ منهنجي پٽ جي پيشاب جي نالي ٿي نوشهري جي ڊاڪٽرن ڪٽي ڇڏي آهي. جنهن بعد اسان واپسيءَ تي ماڊ ميڊيڪل سينٽر وياسين پر جوابدار ڊاڪٽرن اسٽاف جي هٿان اسان کي ڌڪا ڏياري ڪڍي ڇڏيو ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون، ڊاڪٽرن جي ڏاڍ خلاف هو ٿاڻي تي پڻ ويا پر ڊاڪٽرن جي اثر رسوخ سبب ناڪام موٽيا جنهن بعد عدالت ۾ حاضر ٿي انصاف جي اپيل ڪن ٿا. (سليم ميمڻ)

بقايا سنڌيار 24

انصاف مگنيجو عزيز ميمڻ عارف خاڪي نياز مؤمن جامڙو ڪرم سامتيو مجيب آزاد پيلاڙ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو تہ انتهائي ظلم آهي هن وقت ڪڻڪ جي سيزن هلي پئي پر يوريا ڊي اي پي بليڪ تي وڪرو ٿي رهيو آهي جنهن ڪري آبادگار سخت پريشان آهن سڄي ضلعي ۾ فصل لاءِ پاڻ نٿو ملي پر ضلعي انتظاميا اگهور ننڊ ۾ ستل اهي في بوري بہ هزار روپيا سرڪاري اگ کان مٿي ملي ٿي پئي جنهن ڪري آبادگار هاري سخت پريشان آهن افسوس انتظاميا ڏيتي ليتي ڪري خاموش تماشائي بڻيل آهي هنن چتاءُ ڏنو تہ جي پاڻ سرڪاري اگ تي نہ ڏنو ويو تہ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي جنهن جي ذميواري حڪومت تي هوندي

بقايا سنڌيار 25

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ بااثر وڏيرو اختر پٽي سندن کاتي جي 80 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري ويٺو آهي ڪين زمين تي وڃڻ کان وحشاڻو تشدد ڪيو ويو پر مانجهند پوليس بہ وڏيري سان ٻٽ بڻيل آهي ڪين ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن تہ سندن مٿان حملو ڪندڙن تي ڪيس داخل نٿو ڪيو وڃي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ ساڻن انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 26

ويا ذوالفقار عرف پٽو ڏاهري ڌانهيندي چيو تہ آءُ گهر کان قاضي احمد وڃي رهيو هيس تہ نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ۽ 50 هزار روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا مسلسل ساڳي جاءِ تي ڦر جون وارداتون ٿي رهيون آهن ڪلهہ بہ موٽرسائيڪل ڦرتي هئي پوليس بس ٿاڻي تائين محدود آهي ڦورن پهنجو لنڪ سان رڻ ٻاري ڏنو آهي ٻئي پاسي اطلاع بعد پوليس هڪ ڪلاڪ تائين جاءِ وارادت تي نہ پهتي.

بقايا سنڌيار 27

.هن موقع تہ يو سي ڪائونسلر جو چوڻ هو تہ اسي ڳوٺ ۾ ماهر ڊاڪٽر مسڪين عوام جي خدمت لاءِ آندو آهي ۽ هٿي فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳايو آهي هن ميڊيڪل ڪيمپ ۾ فري علاج سان گڏ مفت دوائون پڻ مهيا ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 28

جو رڪارڊ چيڪ ڪيو ان بعد ڊاڪٽر مظهر علي رند سان گڏجي مختلف وٽنري ڊسپينسري جا دورا ڪيا موجود اسٽاف کي مالوند ماڻهن جي چوپايو مال کي بهتر علاج فراهم ڪرڻ لاءِ انهن جي ڳوٺن ۾ وڃي ويڪسين جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن جون هدايتون جاري ڪيون جڏهڻ تہ ڊاڪٽر مظهر علي رند طرفان ڪونگو وائرس لاءِ مال پڙين ۾ لڳايل ميڊيڪل ڪئمپون ۽ ڳوٺن ۾ مالوند ماڻهن جي جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا ۽ ويڪسينيشن ڪرڻ واري ڪم کي تمام گهڻو سهاريو هن چيو تہ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٽنڊوالهيار ڊاڪٽر مظهر علي رند جي اڳواڻي ۾ سندس عملي جو ڪم تمام بهترين آهي سلو ڪم ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي اهڙي ٿي جذبي سان مالوند ماڻهن جي ڳوٺن ۾ وڃي سندن گهرن جي دروازي تي بهتر علاج جون مفت سهولتون فراهم ڪرڻ واري ڪم کي جاري رکيو وڃي

بقايا سنڌيار 29

فلڪ راٺو سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي انسپيڪٽر افضل چنا سان گڏ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر مينار روڊ جي فوٽ پاٿ تي قائم لنڊا بازار مان غيرقانوني طور تي بيٺل سمورين ريڙهيون هٽائي انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي، جڏهن تہ ايس آءِ يوٽي روڊ، مينارا مارڪيٽ، تکر محلا سميت شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو دڪانن اڳيان روڊ تي رکيل سامان هٽايو ويو.ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر توبيہ فلڪ راٺو چيو تہ مينارا روڊ تي غيرقانوني حدخلين ۽ مختلف هنڌن تي گاڏيون رکڻ ۽ حدخلين ۾ ملوث ماڻهن جي ڪري ٽريفڪ جو نظام درهم برهم ٿي ويو آهي ۽ اسڪول ويندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پڻ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مستقبل ۾ جيڪڏهن ڪو مينارا روڊ سميت ٻين علائقن ۾ حدخلين ڪندو تہ ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.توبيہ فلڪ راٺو شهر ۽ بازار جي خوبصورتي لاءِ دڪاندارن کي خطاب ڪندي چيو تہ سمورا دڪاندار پنهنجن دوڪانن اڳيان صفائي سٿرائي جو خاص خيال رکن، هن پارڪ کي بهتر بڻائڻ، خوبصورت پينٽنگ سان گڏوگڏ ٻوٽا لڳائڻ ۽ ٻيون سهولتون پڻ فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي، ٻارن کي تفريح جا موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن

بقايا سنڌيار 30

مهينا اڳ چيو هو تہ هوڏي، 10 لک رپيا ڏنا ۽ اسان سان پائيوار ٿيو جنهن ڪانپوءِ معاهدو ٿيو تہ نفعي مان هر مهيني 85 هزار رپيا ڏنا ويندا، 6 مهينا گذرڻ باوجود هڪ رپيو بہ نہ مليو آهي. ٻئي طرف سعد حسين پي ايس او ڊپوٽي ٽينڪ جي تعميراتي ليبر کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي تہ مونکي منهنجو منافعو ادا ڪيو وڃي ۽ منهنجا 10 لک رپيا واپس ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 31

پارٽي آف پاڪستان ۽ سنڌ هاري ڪميٽي چمبڙ طرفان ارباب رستماڻي، گلاب پيل، ذوالفقار ڪوسو صديق سولنگي ، ارباب رستماڻي جي اڳواڻي ۾ بجائي پيٽرول پمپ چمبڙ کان اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس چمبڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو ريلي شهر مان گذرڻ دوران پاڻ جي گذرندڙ ٽريلر کي روڪيو ويو جتي صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ چمبڙ شهر ۾ سيٺ پاڻ اسٽاڪ ڪري بليڪ تي وڪرو ڪري رهيا آهن. هڪ يوريا پاڻ جي ٻوري جنهن جي سرڪاري قيمت 3600 روپيا آهي اها چمبڙ ۾ 6000 روپين تائين وڪرو ٿي رهي آهي، ۽ اهو بہ من پسند ماڻهن کي ڏنو پيو وڃي، غريب آبادگار تمام گهڻي پريشاني ۾ مبتلا آهن اهڙي هاجي ٿيڻ تي بہ ايگريڪلچرل ڊپارٽمنٽ ، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر چمبڙ خاموش تماشائي بڻيل آهن. هن ڪريٽ نظام آبادگارن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اينگرو يوريا نهي بہ سنڌ ۾ ٿو پر سنڌ جي آبادگارن لاءِ موجود ناهي،هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ چمبڙ جي سيٺن ڪيترن ئي آبادگارن کي ڪڻڪ جو ٻج ڏنو هو جيڪو ڦٽوئي ڪون، آبادگارن جي لکين روپين جو نقصان ٿي ويو تڏهن تہ اعلا آفيسر خاموش تماشائي بڻيل رهيا، اسين مطالبو ٿا ڪريون تہ پاڻ جو بليڪ تي وڪرو بند ڪري ڪريٽ سيٺن خلاف ڪاروائي ڪري آبادگارن کي ڦرجڻ کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 32

سيڪنڊري اسڪول ڪاشف چانڊيو ۽ سرواڻ ڪاڪا جي بهترين اوپننگ شپ سان. پليڊنو 7.3 اوورن ۾ حاصل ڪندي پنهنجي ٽيم کي فائنل ۾ پهچائي ڇڏيو . ڪاشف چانڊيو کي 89 رنسون ناهڻ تي هيڊماستر سائين شمس الدين چنا صاحب مين آف دي ميچ ٽرافي ڏني ۽ گسٽا تعلقو سعيدآباد جي صدر سائين محمدالزمان جمالي ۽ سر قاضي شاهد جن آفتاب رند ۽ ڪاشف چانڊيو کي 500 روپيا ڪئش انعام پڻ ڏنا .

بقايا سنڌيار 33

فروشن خلاف ڪارروائيون، سنجهورو پوليس ڪارروائي ڪندي هڪ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري موٽرسائيڪل جي مالڪ فوٽو دزڪائي حوالي ڪري ڇڏي، ان سلسلي ۾ ايس ايچ او سنجهورو علي اڪبر ڪوڪر تعلقا پريس ڪلب سنجهورو جي صحافين کي ٻڌايو تہ ايس ايس پي سانگهڙ صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون هلندڙ آهن، ڪنهن بہ ڏوهاري کي بخش نہ ڪيو ويندو، پوليس روزانو جي بنيادن تي ڏوهارين خلاف ڪارروائيون ڪري رهي آهي، ڏوهارين کي گهرجي تہ ڏوهن جي دنيا ڇڏي پوليس وٽ گرفتاريون ڏين، ايس ايچ او مطابق شهري فوٽو دزڪائي کان موٽرسائيڪل ڦر ٿي هئي، پوليس ڪارروائي دوران موٽرسائيڪل هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪئي آهي، منشيات فروش انساني جانين جا دشمن آهن، منشيات فروشن کي بخش نہ ڪيو ويندو موٽرسائيڪل مالڪ موٽرسائيڪل ملڻ تي ايس ايچ او علي اڪبر ڪوڪر جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 34

لياقت سومرو، نياز پٽي، ذوالفقار عمراڻي، حڪيم سومرو، منظورماڇي، حسين بخش لغاري، رفيق ڪناد، جاني جوڳي سميت جيالن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي پ پ پ ضلع سجاول جو ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نجيب سرويچ خطاب ڪندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پارٽي جو بنياد وڌو جنهن کي اڄ 56 سال پورا ٿيا آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ اهڙي پارٽي جو بنياد وڌو جيڪا غريبن ۽ مسڪينن جي پارٽي آهي، هن چيو تہ ڪافي پيرا هن پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏيون سازشون رچايون ويون ڀٽو خاندان شهيد ٿي ويو پر عوام جي دلين مان پيپلز پارٽي کي ڪنهن بہ جابر ڪڍي نہ سگهيو اڄ بہ هن ملڪ جي ڪروڙين عوام پيپلز پارٽي سان دلي طرح محبت ڪري ٿي انشاالله ايندڙ اليڪشن ۾ سڄي پاڪستان مان پيپلز پارٽي کٽي ايندي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو وزير اعظم ٿيندو

بقايا سنڌيار 35

شيرو مهر جي گهرن ۽ آس پاس جي پناه گاهن کي گهري مشينري جي مدد سان ڊاهي پٽ ڪيو پيو وڃي، ايس ايس پي سکر عرفان علي سمون جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ جوابدارن خلاف آپريشن اي پي سي چين ۽ هٿيارٻند گاڏين جي مدد سان جاري آهي، شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ آپريشن جو دائرو وسيع ڪيو پيو وڃي، ڪچي ۾ پوليس جي وڌيڪ نفري مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن تہ شڪارپور سميت سکر ۾ قاتلن جي گرفتاري لاءِ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي، جوابدارن جي جوڙاري گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي، علائقي مان نڪرندڙ رستن تي هر پاسي پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي، جوابدارن تي نظر رکڻ ۽ ڪچي جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊرون ڪيمرائون بہ استعمال ڪيون پيون وڃن. پوليس جي نگراني ۾ جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 36

مهينا اڳ چيو هو تہ هوڏي، 10 لک رپيا ڏنا ۽ اسان سان پائيوار ٿيو جنهن ڪانپوءِ معاهدو ٿيو تہ نفعي مان هر مهيني 85 هزار رپيا ڏنا ويندا، 6 مهينا گذرڻ باوجود هڪ رپيو بہ نہ مليو آهي. ٻئي طرف سعد حسين پي ايس او ڊپوٽي ٽينڪ جي تعميراتي ليبر کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي تہ مونکي منهنجو منافعو ادا ڪيو وڃي ۽ منهنجا 10 لک رپيا واپس ڪيا وڃن

منظوري جي لاءِ اين آءِ ٽي جو ڊرافٽ ايس پي پي آر اي رول 2010 (ترميم ٿيل 2019)

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، هاءِ ويز ڊويزن جيڪب آباد

No. TC/G-55/193 of 2023 Date:30/11/2023

مهربند ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

1. ايس پي پي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق خواهشمند فردن/فرمن/سپلائيرز/ڪمپنين/پري ڪواليفائيڊ فرمن کان اسٽينڊرڊ بڊنگ دستاويزن (SBDs) تي هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي پروڪيورمينٽ جي لاءِ مهربند ٽينڊرز گهرائجن ٿا.

سيريل	اسڪيم جو نالو	منظور ٿيل لاڳت (ملين ۾)	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
	سال 24_2023 جي لاءِ اسپيشل اير اينڊ ار اسڪيمون				
01	جان جيڪب قبرستان کان ارڙيو سي هاءِ وي وايا جکراڻي ڳوٺ تائين روڊ جي ريڪنڊيشننگ	129.896	5٪	3000	12 مهينا
02	تالاٽي مقام کان ار ڊي 44 پوليس اسٽيشن وايا ڳوٺ عباس خان جکراڻي تائين روڊ جي ريڪنڊيشننگ	139.898	5٪	3000	12 مهينا
03	شاهپور کان ڳوٺ اڙيڪاپ تائين روڊ جي ريڪنڊيشننگ	99.997	5٪	3000	12 مهينا
04	ڳوٺ غلام محمد خان جکراڻي کان ٿل ٽنگواڻي روڊ وايا ڳوٺ مير اعجاز حسين جکراڻي تائين روڊ جي ريڪنڊيشننگ	49.410	5٪	3000	12 مهينا

ٽينڊرن جي جاري ڪرڻ/جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي لاءِ پروگرام

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون دفعو	ٻيو دفعو (ٽينڊر کي موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾)
1	اين آءِ ٽي جي اخبارن ۾ اشاعت ڪانپوءِ منجهند جو 12:00 وڳي تائين درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ	20-12-2023	05-01-2024
2	ٽينڊر منجهند جو 01:00 تائين واپس ورتا ۽ ساڳئي ڏينهن تي منجهند جو 02:00 وڳي تائين کوليا ويندا.		

2. پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار (سنگل اسٽيج ٽو انويلپ) ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل جي لاءِ 2 الڳ مهربند لفافن تي ٻڌل هجي ٻي صورت ۾ اهڙي ٽينڊر تي غور نہ ڪيو ويندو
3. آچ/ٽينڊر دستاويز:

آچ دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ هيٺ ڏنل ايڊريس تي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان 3000 رپيا ٽينڊر فيس تي حاصل ڪري سگهجن ٿا يا ايس پي پي آر اي جي آفيشل ويب سائيٽ http:// ppmssindh.gov.pk/ppms/public/portal/notice_inviting_tender تان ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا

سمورين آڇون لازمي طور تي هيٺ صحيح ڪندڙ جي نالي تي ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ سوڙي رقم/بڊ سيڪيورٽي سان گڏ شامل هجن.

ايڊريس : ايگزيڪيوٽو انجنيئر، هاءِ ويز ڊويزن، جيڪب آباد
اي ميل : xenhighwayjcd@gmail.com
ٽيليفون نمبر : 0722921181
فيڪس نمبر : 0722653487

4. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽرز/فرمز يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون
5. حصو وٺندڙن جي لاءِ اهليت جا شرط هيٺين ريت آهن:

(i) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان سال 2023 جي لاءِ رجسٽريشن، موثر ڪيٽيگري (درخواست ڏنل وقت جي مطابق) ۽ CE_01، CE_02، CE_03، CE_04 ۽ CE_05 جا اسپيشلائيزيشن ڪوڊز رکندڙ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (اين ٽي اين)، سيلز ٽيڪس (جي ايس ٽي) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) سمورا گهربل آهن. 4.0/اير کان مٿي جي ڪئيل لاڳت کان رجسٽريشنز هلندڙ مالي سال دوران موثر هونديون.
(ii) فرم سان ڪم ڪندڙ سول انجنيئرز، ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ ٻين انتظامي فردن جي بايو ڊيٽا
(iii) گذريل ٽن سالن دوران مڪمل ڪيل/هلندڙ ڪمن جو دستاويزي ثبوت ۽ آجر پاران ڪم جي اطمينان جوڳي تڪميل جي سرٽيفڪيٽ هرهڪ ڪم جي رقم ۽ ليٽر جي ڪاپي.
(iv) فرم سان موجود مشينري ۽ اڪيوپمينٽ جي فهرست دستاويزي ثبوتن سميت.
(v) پينڊنگ/فائنل ٿيل مقدمي بازي جي سلسلي ۾ حلف نامو
(vi) بئنڪ جو سرٽيفڪيٽ جيڪو ڪريڊٽ ورٿنيس ڏيکاري گذريل ٽن سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ.
(vii) حلف نامو تہ فرم /ڪانٽريڪٽر اڳ ۾ ڪنهن بہ ايگزيڪيوٽو ايجنسي پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.
(viii) حلف نامو تہ جمع ڪرايل سمورا دستاويز/ تفصيل/ڄاڻ سچا ۽ درست آهن.
(ix) فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرز/پروپرائيٽر يا ٻين لاڳاپيلن جو مڪمل تفصيل پاور آف اٽارني سميت. سول پروپرائيٽرز جي صورت ۾ تازي ايفي ڊيوٽ (اصل ۾) تي اهڙو حلف نامو.
(x) شرطيا ٽينڊرز تي غور نہ ڪيو ويندو
(xi) ڪمن جي فهرست حڪومت سنڌ جي ويب سائيٽ www.e.pprasindh.gov.pk تي ڏسي سگهجي ٿي.
(xii) عام موڪل يا خراب حالتن جي صورت ۾ جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جو شيڊيول ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي هوندو

شرط ۽ ضابطا:

(اي) هيٺين صورتن ۾ آڇ کي رد ڪيو ويندو.
- i. ڪوبہ شرطيا اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليگرافڪ آڇون/ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
- ii. آڇ دستاويز ۾ ڄاڻايل موجب گهربل رقم جي بڊ سيڪيورٽي ۽ فرمن کان سواءِ آڇون
- iii. مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ پهتل آڇون
- iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرم
- v. آڇن لاءِ ڪوبہ ڊماند ڊرافٽ قبول نہ ڪيو ويندو.

(بي) آڇ جي موثر رهڻ جو مدو 90 ڏينهن

(سي) پروڪيورمينٽ اٿارٽي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) جي مطابق ڪنهن بہ يا سڀني ٽينڊرز/آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي

(ڊي) هلندڙ اڪائونٽ بلن تي ٺيڪيدارن کان 5 سيڪڙو (ايس ايس ٽي) اوڳاڙيا ويندا.

INF/KRY.No.4592/23

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل هاءِ ويز ڊويزن جيڪب آباد

پڙهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ